
# حيدرآباد
# جي مختصر تاريخ

مرتب: نور محمد پٿو

Talpur's



سج پبليڪيشن حيدرآباد

# حيدرآباد جي تاريخ

مرتب

**نور محمد پٺو**

سچ پبليڪيشنز حيدرآباد

سمورا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: حيدرآباد جي تاريخ
ڪمپوزنگ: رائل ڪمپوزنگ سينٽر
تعداد: 1000
سال: مارچ 2010ع
ڇاپو: پهريون
پيسٽنگ: سهيل سلام پتو
قيمت: 30 روپيا
پبلشر: سچ پبليڪيشن حيدرآباد
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هي ڪتاب فواد علي پتو سلام پرنٽنگ پريس، بخش علي اسٽريٽ، گاڏي کاتو، نزد عبرت پريس حيدرآباد مان ڇپرائي سي 173، پراڻي وحدت ڪالوني، ويسٽ ونگ، قاسم آباد حيدرآباد مان پڌرو ڪيو.

# مرتب پاران

حيدرآباد شهر جي تاريخ تمام پراڻي آهي. هن شهر کي اڳ پٽيالا، نيرون ڪوٽ ۽ ڪلهوڙن جي ايامڪاريءَ کان حيدرآباد سڏيو ويجي ٿو. هن شهر ڪيترائي عروج ۽ زوال ڏٺا. حيدرآباد جي مختصر تاريخ اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿي.

ان سلسلي ۾ سيد جميل شاهه آفيس سپرنٽنڊنٽ ڊي پي او حيدرآباد، رشيد احمد ميمڻ، ڊاڪٽرس ڪالوني پنهنجون قيمتي صلاحون ڏنيون جنهن لاءِ سندن تعاون جو ٿورائتو آهيان.

**نور محمد پٽو**

رابطي لاءِ
0331_3522911

# فهرست


| نمبر | مضمون | صفحو |
|---|---|---|
| 1. | حيدرآباد جي تاريخ | 5 |
| 2. | حيدرآباد جي قلعي جي اڏاوت | 8 |
| 3. | مولا علي جا قدم | 13 |
| 4. | ايلي گهاٽ | 15 |
| 5. | ٽنڊو يوسف | 23 |
| 6. | حيدرآباد ۾ پوليس کاتي جو قيام | 34 |
| 7. | تعليمي ادارا | 38 |
| 8. | سردار شيخ محمد بخش | 50 |
| 9. | سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن | 50 |
| 10. | سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو | 53 |
| 11. | اردو ٻوليءَ جي واڌاري وارو ادارو | 53 |
| 12. | صحت کاتو | 53 |
| 13. | حيدرآباد جون مسجدون | 56 |
| 14. | حيدرآباد جا مندر | 58 |

عشرت علي خان

# حيدرآباد جي تاريخ

حيدرآباد 1712ع ۾ آباد ٿيو. اهو شهر گنجي ٽڪر تي آباد ڪيو ويو. ان کي رون ارون مان وڏي ارون پور سڏيو لکيو ويو.

ان شهر جو نالو پٽيالا، پٽيالپور پير ۾ پٽيال بندر هجڻ سبب سڏيو ويو. 327 ق م ۾ مقدونيا جي سپهه سالار ان شهر تي ڪاهه ڪئي، ان وقت ٻڌ مذهب جي حڪمران ان جي آجيان ڪئي. ان وقت شهر پرسان سنڌو درياهه وهندو هو. جتي بندرگاهه موجود هئي. جتان کان ايران، ايراني نار، مصر سئلون، سريلنڪا سنگاپور ۽ يورپ ڏانهن جهاز لنگر انداز ٿيندا هئا. جڏهن درياءَ بادشاهه رخ ڦيرايو ته موجوده هنڌ جنهن کي نيرون ڪوٽ چوندا هئا حيدرآباد شهر آباد ٿيو. سر چارلس ايليٽ ان شهر لاءِ لکيو آهي ته شهر ننڍي اتر طرف جڏهن منصوره ۽ ننڍي جي وچ ۾ واقع هو. حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم پنج ماڻهن کي خط ڏئي نيرون بادشاهه ڏانهن اماڻيو. جنهن کان پوءِ ڪجهه ماڻهن اسلام قبول ڪيو. اهي پنج ڄڻا اصحابه ڪرام هئا، جيڪي نيرون ڪوٽ ۾ ترسي پيا. جن مان هڪ شاهه مڪي پڻ هو. حيدرآباد شهر قديمي تاريخ هجڻ سان گڏ اسلامي تهذيب و تمدن جو گهوارو رهيو آهي، ان ڪري سنڌ کي باب الاسلام سڏيو وڃي ٿو.

ڇهين صدي عيسوي ۾ رائي گهراڻي جي سمرس ماهي ان علائقي جو حاڪم هو. جيڪو برهمڻ آباد جي گورنر جي ماتحت هو. 700ع جي آخر ۾ راجا ڏاهر طرفان ان قلعي جي حاڪم هندرسمي جيڪو ٻڌ مذهب جو پيروڪار ۽ پهڪشو هو. قلعي جي اولهه ۾ هڪ ڍنڍ هئي جنهن سبب قلعي جي چوطرف گلن جي ساوڪ هوندي هئي. اوپر ۾ درياءَ جو پاڻي ۽ اولهه ۾ خشڪيءَ تي اڏايل قلعو تمام سهڻو لڳندو هو. محمد بن قاسم ٻلهار قلعي لڳ پنهنجا خيما کوڙيا هئا.

نيرون ڪوٽ جي اتر اوير طرف پنجيتاليهه ميلن تي هڪ شهر منصوره آباد ڪيو ويو. جيڪو محمد بن قاسم جي آمد کان پوءِ گاديءَ جو هنڌ ٿاهيو ويو.

محمد بن قاسم قلعي اندر هڪ مسجد ٺاهڻ جو حڪم ڏنو. ابو ظفر زيدي لکي ٿو تہ 1062ع ۾ ابو اسحاق اصطرابي ۽ 1084ع ابن موصل نقشا ٺاهيا هئا. ان ۾ نيرون ڪوٽ جو ذڪر آهي. ان کان علاوه تذڪره مسعودي ۾ جنهن جو ليکڪ 300 هجري ۾ سنڌ ۾ آيو هو ان شهر جو ذڪر ڪيو آهي. بلاذري يعقوبي، ابن اثير ۽ ابن خلدون پڻ هن شهر جو ذڪر ڪيو آهي. تاريخدان ابو عبدالله محمد الادريسي نيرون ڪوٽ جو ذڪر ڪيو آهي.

1768ع ۾ غلام شاهہ ڪلهوڙي ان قلعي جي ٻيهر پختہ سرن سان اڏاوت ڪرائي. 1169ع ۾ بزرگ شاهہ محمد مڪي جنهن جو تعلق عرب سان هو. مڪي شاهہ ۽ جئي شاهہ جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. سندس انتقال 1237ع بمطابق 8 ذوالحج 658 هجري ۾ ٿيو ۽ ڪچي قلعي ۾ دفن ڪيو ويو سندس پٽ صدرالدين خطيب جي نالي سان مشهور ٿيو. هڪ ٻي روايت آهي تہ شاهہ مڪي کي عربن طرفان حاڪم ٺاهي موڪليو ويو هو. نيرون ڪوٽ تي 712ع کان 1026ع تائين عرب حڪمران رهيا. ان بعد محمود غزنوي جي وزير عبدالرزاق جي حوالي اهو شهر ڪيو ويو. اهڙي طرح محمود غزنوي جا نائب اتي حڪومت ڪندا هئا. بعد ۾ مغل بادشاهہ اڪبر خان خانان کي ان علائقي جو اختيار ڏنو ۽ نيرون ڪوٽ قلعي جو قلعيدار محمد امان ترخان جنهن خان خانان کي لاهي محمد بيگ کي قلعيدار ٺاهيو. مغل بادشاهہ شاهجهان بہ ان شهر ۾ آيو جنهن ٺٽي ۾ شاهجهان مسجد ٺهرائي ۽ مڪي شاهہ بابا جي مزار جي اڏاوت جو حڪم ڏنو. ان بعد سومرن جو دور ۽ سمن جو دور آيو. ڄام نظام الدين ڄام تماچي ارغون ۽ ترخان حڪمران ٿيڻ بعد ڪلهوڙا دور 1701ع کان 1783ع تائين رهيو. ڪلهوڙن جو بزرگ آدم شاهہ سکر ۾ آدم شاهہ جي نالي سان هڪ ٽڪر تي دفن آهي. 1701ع ۾ ميان يار محمد ڪلهوڙو 1755ع

تائين حڪومت ڪئي ۽ 1755ع کان ميان مراد شاهہ ڪلهوڙو 1757ع تائين حڪومت ڪئي ۽ ميان اطهر خان 1757ع کان 1762ع تائين حڪومت ڪئي. جنهن بعد ميان غلام شاهہ ڪلهوڙو گديءَ تي ويٺو حيدرآباد شهر سمند جي سطح کان 55 فٽ مٿي آباد ڪيو ويو. جنهن جو نالو خليفي راشد جي صفاتي نالي حيدرآباد تي رکيو ويو.

1757ع ۾ سنڌو نديءَ ۾ هڪ وڏي ٻوڏ آئي، جنهن سبب تخت گاهہ خداآباد غرق ٿي ويو. ان ڪري ميان غلام شاهہ ڪلهوڙو ٻيهر نيرون ڪوٽ واري هنڌ حيدرآباد شهر جو قلعو جوڙايو. اهو قلعو جنوري فيبروري 1769ع ۾ ٺاهيو ويو. 1780ع ۾ ڪلهوڙا دور جي خاتمي بعد ٽالپرن جي حڪومت آئي. 1879ع ۾ مير ڪرم علي خان جو مقبرو ٺهرايو ويو. حيدرآباد جي قلعي ۾ ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جي ماڻهن ميراڻي بلوچ رهندا هئا مير مراد علي 1833ع ۾ وفات ڪري ويو. ڪيس ميرن جي قبي ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو. 1826ع ۾ سيد احمد شاهہ شهيد حيدرآباد ۾ ڪجهہ ڏينهن ترسيو هن سنڌ جي ماڻهن کي سکن خلاف جهاد جو سڏ ڏنو. (تاريخ حيدرآباد ڪتاب تان ورتل).

عشرت علي خان

# حيدرآباد قلعي جي اڏاوت

حيدرآباد جي پڪي قلعي جي اڏاوت ميان غلام شاھ ڪلهوڙي 1768ع بمطابق 1182 هجري ۾ نئين سر اڏاوت ڪرائي "يا رب احمل هذا البلاد الآمنا" قرآني آيت مان فال ڪڍي ويئي. اي الله تون هن شهر کي امن جو گهوارو ٺاهي. قلعي جي مکيہ دروازي تي تحرير ڪري هنيو ويو.

بامر عالي مظهر ولايت ميان غلام شاھ خان عباسي بن ميان نور محمد بن يار محمد بن ميان نصير محمد عباسي بنايافت قلعي جي متاهين سمنڊ ڪان 80 فٽ مٿي آهي. ان جي اڏاوت انجنيئر استاد شفيع محمد ملتاني جي نگراني هيٺ مرزا احمد خراساني سرن گيچ ۽ گاري جي ٺاهڻ جي ڪوالٽي بهتر ٺاهڻ جي نگراني ڪئي. قلعو ٺاهڻ لاءِ پورهيتن کي ڇهہ پئسا ۽ ڪاريگرن کي ڏهہ پئسا روزانہ اجرت ڏني ويندي هئي. قلعي جي وچ ۾ هڪ سهڻو شيش محل ڪان سواءِ حرم سرائي، ديوان خاص ۽ ديوان عام اڏايا ويا. ان سان گڏوگڏ اناج رکڻ جي لاءِ گودام ۽ بارود خانو اڏايو ويو. قلعي ۾ پنج کوهہ کوٽايا ويا پر ڪتان بہ منو پاڻي نہ نڪتو. قلعي ۾ هڪ ننڍو ڳجهو رستو ڏکڻ اوپر ۾ ٺاهيو ويو هو. جڏهن تہ ڏکڻ ۾ شاهي دروازو موجود هو. قلعي جي پٽن تي مورچا ٺاهيا ويا هئا. جنهن کي پرچي چيو وڃي ٿو شاهي دروازي مٿان ڪاٺ جو پاٽ رکيو ويندو هو جتان وڃڻ جو رستو هيو. دروازي جي ٻاهران اولهہ طرف هڪ وڏو ٽاور پرچي نهيل هئي، جنهن کي انگريزن حملي دوران تباھ ڪري ڇڏيو. مير مراد جي وقت ۾ ضرب خانن ۾ سڪا ٺاهيا ويندا هئا. قلعي اندر سوڙهيو عمارتون ۽ گهٽيون نهيل هيون، اهو قلعو ٻن مهينن اندر تيار ڪيو ويو هو. جڏهن تہ ان جي بنياد کوٽڻ لاءِ ڇهہ مهينا لڳا. اڪبر بادشاھ جي دور ۾ خواجہ شهاب الدين

نالي هڪ جاگيردار نيرون ڪوٽ ۾ رهندو هو. ان جي نالي هڪ باغ بہ آهي، جتي ان باغ ۾ ڪيس سپرد خاڪ ڪيو ويو. 996 هجري ۾ نيرون ڪوٽ جو حاڪم مرزا محمد تار خان ۽ قاسم علي سلطان ساربان هو. مرزا محمد باقي سوڏو حاجي بيگم مير يادگار مسڪين، نورالله ترخان جي سفارتڪار اڪبر بادشاهہ وٽ موڪلي، جڏهن تہ ڪچو قلعو 1082 هجري ۾ ناهيو ويو. قلعو 1136 ايڪڙن تي ٻڌل آهي. 15 اپريل 1906ع تي قلعي اندر واقع چانوٽي ۾ آچر رات جو انين نائين وڳي گرمي سبب بارود کي ڌماڪي بعد باهہ لڳي، جنهن سبب اتي رکيل بارود سڙي راک ٿي ويو جنهن بعد اها چانوٽي شهر کان ٻاهر قائم ڪئي وئي. جتي بارود رکيو ويندو هو. ڪچو قلعو پڪي قلعي جي اولهہ ۾ واقع آهي ۽ سطح سمنڊ کان 22 کان 25 فوٽ ٽڪريءَ تي واقع آهي، جنهن جا نو برج آهن. قلعي اندر مڪي شاهہ بابا جو مزار آهي. اهو قلعو ڪلهوڙن جي دور ۾ چانوٽي طور استعمال ڪيو ويندو هو. جيئن دشمن کان بچاءُ ٿئي ۽ اتي سپاهين جو وڏو تعداد رهندو هو.

غلام شاهہ ڪلهوڙو هنرمندن، ڪاريگرن ۽ واپارين کي حيدرآباد شهر آڻي آباد ڪيو. اهي قلعي ٻاهران آباد ڪيا ويا. وري سندس پٽ ميان سرفراز خان ڪلهوڙي خدا آباد کي جيڪو هالا ويجهو هو، گاديءَ وارو هنڌ ناهيو. مير فتح علي خان جڏهن حيدرآباد جي حڪومت سنڀالي تہ حيدرآباد کي ٻيهر گاديءَ وارو هنڌ ناهيو ويو ۽ موجوده پڪي قلعي کي ٻيهر آباد ڪيو ويو. ميان غلام نبي ڪلهوڙو جيڪو مير بجار خان سان مقابلي ۾ مارجي ويو هو. غلام شاهہ ڪلهوڙي جي مزار لڳ سپرد خاڪ ڪيو ويو. جيڪو زبيده گرلس ڪاليج پرسان واقع آهي.

مير فتح علي خان 1779ع ۾ سنڌ فتح ڪئي. خدا آباد جي گاديءَ واري هنڌ کي خدا حافظ چئي حيدرآباد کي گاديءَ جو هنڌ ناهيو ويو. حيدرآباد جي پڪي قلعي کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو. هڪ حصي ۾ مير فتح علي خان ۽ مير غلام علي خان جي لاءِ قلعي جي اوپر ۾ رهڻ جي عمارت هئي. اچڻ وڃڻ لاءِ نندو دروازو استعمال ڪندا هئا. ميرن

جي عام دربار جي لاءِ باغ ناهيو ويو هو ڏکڻ ۾ قلعي جو وڏو دروازو جتي هر عام ۽ خاص اچي سگهندو هو. وري ٽيون حصو اولهه ۾ بارود خانو گودام ۽ فوجين جي رهائش لاءِ قلعي ۾ مبر ضرب. قبلہ مسجد مير مراد علي خان. مسجد اقصي جنهن کي شاهي مسجد چيو وڃي ٿو. سيد عظيم الدين ٺٽوي ميان طاهر خدمتگار جي نالي تي طاهر بازار ناهي، جتي 1906ع ۾ هندن رهائشي گهر ناهي ورتا. شاهي بازار جي پنهي طرفن کان عاملن چوٽڪي گهٽيءَ کان سريگهات تائين گهر ناهيا ۽ جمن شاهه جي پڙ کان چوٽڪي گهٽيءَ تائين پائيبند رهڻ لڳا. انهن جي آبادي شاهي بازار جي اولهه ۾ هئي.

## ميرن جا قبا

ميرن جي قبن جو احاطو 1199ع بمطابق 1259 هجري ۾ ناهيو ويو. ان ۾ 1784ع کان 1843ع تائين ميرن جي حاڪمن جا وفات بعد مقبرا ناهيا ويا. جن مان ميرن محمد خان ٽالپر، 15 جمادي الثاني 1271 هجري هن جو وصال ٿيو. ان مزار جي پنيان 4 شجرن وارا مزار ۽ هڪ قبو نهيل آهي. گمان غالب آهي تہ اهو مير ڪرم علي خان ٽالپر جو مزار آهي.

مسلمانن جا پاڙا اوير طرف هئا. جيڪي طاهر بازار کان سريگهات تائين هئا. جن ۾ شهواٽي پاڙو ۽ فقير جو پڙ اچي وڃن ٿا.

ديوان گدومل حسين آباد لڳ سنڌو نديءَ جي ڪپ تي رهندو هو. جتي گدو بندر قائم ڪيو ويو. جڏهن تہ گدواٽي گهٽي، مرزا خسرو بيگ. جارجيا جا ماڻهو آباد ٿيا. ميرن ڪاهي روڊ پرسان واڍن جي پڙ کي ناهين جي پڙ کي آباد ڪيو عمارتن جي اڏاوت ڪندڙ رازن مسترين کي آباد ڪري رازن جو پڙ ۽ فوجي ضرورت جي لاءِ تيوارا قوم جي ماڻهن کي آباد ڪيو ويو جيڪي تلوارن جي ڌار کي تيز ڪندا هئا. رتناٽين جا پڙ جيڪي تنبو ۽ خيما ناهيندا هئا. نعل بندن جي گهٽي، اهي گهوڙن کي نعل لڳائيندا ۽ بزگر نوبت ۽ نغارن تي جانورن جي کل چاڙهيندا هئا. گل انداز ۽ گولا انداز بارود ناهيندا هئا جيڪي توپون ڪوري ڪپڙا ناهيندا هئا. پاٽولي ڪلن جو ڪاروبار ڪندا هئا. ۽

ڏوبي ساراز جانورن جي زين ٺاهيندا هئا. نانارا ٺانو ناهيندا هئا ۽ طبيب حڪمت جو ڪم ڪندا هئا. آخوند مدرسن ۾ پڙهائي ڪرائيندا هئا. انهن کي اتي رهائش ۽ ڪاروبار جي لاءِ دڪان ڏنا ويا.
(حيدرآباد جي تاريخ ڪتاب تان ورتل)

## حيدرآباد جي دربار

1827ع ۾ ڪڇ مان ڊاڪٽر جيمس برنس 20 نومبر 1827ع تي حيدرآباد ۾ ميرن جي دربار ۾ پهتو. قلعي جي دروازي ۾ داخل ٿيڻ بعد ميرن جي ڪچهري ۾ آندو ويو. قلعي ۾ سانت لڳي پئي هئي. سنڌي ماڻهن بهترين پوشاڪ پاتي هئي. پٽين تي ڪمانگري ڇٽ هئا. فرش تي قسمين قسمين جا غاليچا وڇايل هئا.

اڱڻ جي هڪ پاسي وڏن مرغولن سان ٺي دروازا هئا. جن اڳيان سائي ماهوت جا پردا ٽنگيل هئا. انهن دروازن مان هڪ دااوازي مان ميرن جو وزير، عملدار ڪيس ميرن جي دربار ۾ وٺي آيو. هڪ خدمتگار ڊاڪٽر جيمس برنس جا بوٽ لاٿا. هتي هڪ شاندار ڪچهري لڳي پئي هئي. ڪمري ۾ اوچي قسم جا ايراني قيمتي غاليچا وڇايل هئا. مير اڇيون پوشاڪون پهريل بيٺل هئا. انهن مان مکيه مير ڪرم علي خان ٽالپر ۽ مير مراد علي خان ٽالپر جن تي حڪومت وقت جي پڳ هئي. گادي تي ويٺل هئا. ان جي چئني ڪنڊن تي سونا جهاپا ٻڌل هئا. گادي هينان هڪ سوبيتي بخمل جو گول وهاڻو رکيل هو. جنهن تي ڪنڊي جي پرت جا سونهري گل هئا. انهن ٻنهي ميرن جي پاسن کان سنڌس عزيز ويٺل هئا. جنهن ۾ مير صوبدار خان ٽالپر، مير محمد خان ٽالپر ۽ مير مراد علي خان جا پٽ مير نصير خان ٽالپر ۽ مير نور محمد خان ٽالپر ۽ سنڌس مامو مير محمود خان ٽالپر ۽ انهن جا پٽ ويٺل هئا.

ٽنڊو ولي محمد چانوٽي جيڪا نواب ولي محمد ٽالپر وزير اعظم سنڌ جي نالي سان قائم ڪئي ويئي هئي. علائقو آباد ڪيو ويو ٽنڊو محمد خان جيڪو ان وقت ۾ ٽنڊو سائينداد جي پرسان واقع آهي

آباد هڪ شهر ٺهڻ بعد حيدرآباد ضلعي جو تعلقو بعد ۾ ضلعو ٽنڊو محمد خان ٺاهيو ويو. جتي جو ناظم ڪجهه وقت اڳ مير عنايت علي ٽالپر هو. جڏهن ته سندس والد مير اعجاز علي خان ٽالپر پڻ آبپاشي جو صوبائي وزير رهي چڪا آهن. ٽنڊو مير نورمحمد لطيف آباد نمبر 4 ۽ ٽنڊو مير غلام حسين لطيف آباد نمبر 9 ۾ واقع آهي. ٽنڊو مير محمود حيدرآباد جتي هن وقت مير علي احمد ٽالپر، مير رسول بخش خان ٽالپر جا فرزند مير رفيق ۽ مير حيدر ٽالپر رهائش رکن ٿا. اتي مير باغ پڻ مشهور آهي. قليلي جي ڪپ تي واقع آهي. سيني ميرن جي پنيان خدمتگار، ترارين ۽ ڍالون هٿن ۾، ۽ سنيون پوشاڪون پهريل بيٺل هئا. صفائي سترائي هر طرف نظر اچي رهي هئي. هندوستان جي بين رياستن ۾ ايتري نزاڪت ۽ صفائي سترائي نظر نه آئي.

مير پارسي ۾ گفتگو ڪندا هئا. مير ڪرم علي خان ٽالپر جيمس برنس کي چيو ته اوهان اسان جي مهمان اهيو اوهان جي لاءِ هر شيءِ موجود آهي.

1783ع ۾ هالاڻي وٽ مير فتح علي خان ڪلهوڙن کي شڪست ڏني. 1843ع تائين ڇهن ميرن سنڌ تي حڪومت ڪئي. سنڌ جا اڳوڻا حاڪم سڌي طرح اڻ سڌي طرح غزني ۽ دهلي يا خراسان ۽ قنڌار جي ماتحت هئا. پر ٽالپرن سنڌ کي ڌارين جي غلامي کان آزاد ڪرايو.

28 فيبروري 1843ع تي انگريزن حيدرآباد جو قلعو فتح ڪري سنڌ جي گادي واري هنڌ تي حڪومت شروع ڪئي. سنڌ کي سر چارلس نيپئر فتح ڪيو. هن جو دور 1843ع کان 1847ع تائين بدترين دور هو. 1845ع کان 1848ع دوران پرائمري اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي ۾ تعليم ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو. مسلم پرائمري اسڪول ۽ هندو سنڌي اسڪول کوليا ويا.

1855ع ۾ ٺٽي ۾ اسڪول کوليو ويو. 1852ع ۾ سنڌ ۾ 648 تعليمي ادارا هئا. جنهن ۾ 7443 شاگرد تعليم حاصل ڪندا هئا. (سنڌ جا اسلامي درسگاهه تان ورتل)

# مولا علي قدم گاهہ

حضرت علي عليہ السلام جن جا قدم پاڪ حيدرآباد شهر ۾ هر عام ۽ خاص ماڻهو جي زيارت جو مرڪز آهي. سنڌ جي تاريخي ورثي پڪي قلعي جي پرسان اسٽيشن روڊ تي واقع آهي. مولا علي جي قدم پاڪ جي تاريخ هينئين ريت بيان ڪئي وڃي ٿي:

قدم گاهہ مولا علي جا قدم ايران جي بادشاهہ فتح علي شاهہ قاچار جنهن کي اهي قدم عراق مان حالت نماز ٿيل قدمن جا نشان وارا پٿر جيڪي هن 1805ع بمطابق 1220 هجري ان وقت جي سنڌ جي حڪمران مير ڪرم علي خان ٽالپر کي سوکڙي طور اماڻيا. جنهن سان گڏ صحيح بہ ٿيل. پنج هزار قرآن پاڪ. شاهنامہ فردوسي، ٻہ عدد ايراني شالون ۽ خوشنما شاهہ ڪاسہ. هڪ عدد تلوار اماڻيا. مير ڪرم علي خان اهي قدم پڪي قلعي اندر شاهي مسجد سان لڳولڳ هڪ ڪمرو ٺهرائي رکيا. نماز ادا ڪرڻ بعد انهن قدمن جي زيارت ڪندا هئا. هر خميس ڏينهن دير تائين ان زيارت جو سلسلو جاري رهندو. عام ماڻهن کي عيد نوروز ۽ عيد غدير جي ڏينهن ۾ زيارت جي اجازت هوندي هئي.

ميرن جي آخري تاجدار مير نصير خان ٽالپر ماڻهن جي درخواست تي سندس پٽر ۽ امام بارگاهہ سان لڳولڳ هڪ قبو ٺهرائي هڪ مسجد تعمير ڪرائي قدم پاڪ وارو پٽر اتي رکرايا. جتي 1912ع ۾ باقاعده مجلسون ٿينديون آهن. هن وقت قدم گاهہ جي توسيع بعد هڪ وڏي مقبري کي اڏاوت ڪري اتي مٿي عام زائرين جي زيارت جي لاءِ قدم پاڪ رکيا ويا آهن.

قدم گاهہ تان انجمن اماميہ سنڌ طرفان 1933ع ڌاري هفتيوار اخبار پنجتني باقاعدگي سان مذهبي تبليغ تي پڌري ڪئي پئي وڃي.

جنهن لاءِ جدا پريس پڻ آهي. زائرين جي سهولت لاءِ مسافرخانو تعمير ڪرايو ويو آهي. جتي سستي رهائش موجود آهي.

## امام بارگاهون

انجمن حيدري امام بارگاهه ٽنڊو نوڙهو ۾ واقع آهي. آستانه اقدس امام بارگاهه مرزا علي يار، امام بارگاهه مرزا عابد حسين، امام بارگاهه سيد صالح محمد تقوي ٽنڊو نوڙهو، امام بارگاهه مرزا حيدر علي بيگ ٽنڊو نوڙهو، امام بارگاهه شمائله ممتاز ڪالوني، قاضي عبدالقيوم روڊ جيڪا سيد صادق علي شاهه جي گهر واري بيبي امينه شاهه جي نگرانيءَ هيٺ قائم آهي. امام بارگاهه مرزا خسرو بيگ ٽنڊو نوڙهو، امام بارگاهه علي آباد، ٽنڊو آغا، امام بارگاهه اثنا عشري حسين آباد، امام بارگاهه رضويه گل شاهه، اثنا عشري خواجه جماعت ليڊي ڊفرن اسپتال اسٽيشن روڊ حيدرآباد، امام بارگاهه دادن شاهه جو پڙ، امام بارگاهه اهلبيت آل محمد وحدت ڪالوني حيدرآباد.

درگاهه سخي وهاب شاهه پڪي قلعي پرسان لڳ مولا علي قدم گاهه وٽ واقع آهي. مڪي شاهه درگاهه ڪچي قلعي ۾ واقع آهي. جتي هر سال عرس ٿيندو آهي. درگاهه محمود شاهه بخاري ڊسٽرڪٽ سيشن ڪورٽ لڳ ۽ درگاهه محبت شاهه بخاري پڻ ڊسٽرڪٽ سيشن ڪورٽ بلڊنگ آڏو واقع آهي. ڪاهي روڊ تي درگاهه چٽن شاهه بخاري، هير آباد ٽنڊو ولي محمد ۾ سيد مهر علي شاهه. سرفراز ڪالوني ۾ درگاهه سرفراز شاهه ڪلهوڙا ۽ محلي دادن شاهه ۾ سيد دادن شاهه جهانيان جي درگاهه واقع آهي. ان کان علاوه هل ٽاپ جي فليٽن پرسان غني بابا جو مزار واقع آهي.

نور محمد پنهور

# اي ڊي ايلي گهاٽ

انگريزن جي دور حڪومت ۾ ليڊي ڊفرن اسپتال ۾ هڪ خاتون انگريز ڊاڪٽر هوندي هئي. جنهن ليڊي ڊفرن اسپتال جي اڏاوت ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو.

پائي خان جي چاڙهي وٽ گول پلرن واري هڪ پراڻي عمارت ۾ رهائش پذير منشي محمد علي جي گهر واري فاطمه کي هن پنهنجي پيٽ ناهيو هو. بيماري دوران اها انهن جو علاج پڻ ڪندي هئي.

انهن جي گهر پرسان وڪٽوريا گاڏي جو اصطبل هو ڇاڪاڻ ته ان دور ۾ موٽرڪار جو وجود نه آيو هو عام سواري وڪٽوريا ٽم ٽم هوندي هئي. ان جو هڪ ڪوچوان به هوندو هو جيڪو ان وڪٽوريا گاڏي کي هلائيندو هو.

ڊاڪٽر صاحبه کي پٽ جو اولاد ڪونه هو. هڪ ڀيري اشرف شاهه جي پڙ جو ڪاني واري ذوالجناح اتان برآمد ٿيو ته هن ڪنهن کان دريافت ڪيو ته ماڻهو روايت موجب امام جي ذوالجناح آڏو دعا گهرندا هئا.

ڊاڪٽرياڻي عورتن کان سوال ڪيو ته ڇا توهان جون دعائون قبول ٿين ٿيون. حضرت امام حسين عليه السلام جي شهادت تي دعا قبول ٿيڻ جي انهن سچائي بيان ڪئي ته هڪ سوال ڪيو ڇا آئون دعا گهران اها قبول ٿيندي.

جنهن ڪري هن دل ۾ پٽ ڄمڻ جي دعا گهري ته مون کي پٽ ڄايو ته مان ان کي امامن جي نالي ڪندس ۽ هن دين اسلام جو باقاعدگي سان مطالعو ڪيو. سال کن کان پوءِ ڊاڪٽر صاحبه کي پٽ ڄايو ته محرم جي ڏينهن ۾ سندس پٽ کي ڪارو ويس پارائيندي هئي ۽ ان ٻار جو نالو اي ڊي ايل گهاٽ رکيو ويو. بعد ۾ هن اسلام قبول ڪيو

تہ هن جو نالو علي گوهر رکيو ويو. جيڪو ايڪسائيز انسپيڪٽر آف سنڌ هو. سڄي سنڌ ۾ شراب جي بندش تي عورتن جا وبس ڪري زيور پائي ڇاپا هڻندو هو.

اي ڊي ايلي گهاٽ (علي گوهر) اشرف شاهہ جي پڙ وٽ رات ڪٽ وڃائي سمهندو هو. هن اشرف شاهہ جي درگاهہ جي مرمت ڪرائي ۽ نئين مسجد تعمير ڪرائي جنهن ڪي هن پنهنجو نالو لکڻ بجاءِ "يہ مسجد عبدالغفور نې بنوائي هي" تحرير ڪيو.

علي گوهر پاڻ پڙ سينگاري نياز ڪندو هو بين طرفان مليل نياز کي نهايت عقيدت ۽ احترام سان وٺندو هو. مجلسن ۾ باقاعدگي سان شرڪت ڪندو هو علي گوهر صاحب سُني عقيدي موجب نماز روزا رکندو ۽ رات جو تهجد جي نماز ادا ڪري فجر جي نماز ادا ڪري ڊيوٽي تي هليو ويندو هو. اشرف شاهہ جي پڙ وٽ رهندڙ شير محمد بلوچ مرحوم جي ٻارن عبدالحميد بلوچ، خان محمد بلوچ ۽ انهن جي بين ٻارن ڪي بي حد پيار ڪندو هو ۽ هن اشرف شاهہ جي پڙ تان نڪرندڙ پڙ جي سينگارڻ ۾ انهن جي مدد حاصل ڪندو هو.

اي ڊي ايلي گهاٽ حضرت امام حسين جو وڏو عقيدتمند هو.
اي ڊي ايلي گهاٽ وڏيڪ تعليم حاصل ڪرڻ جي لاءِ لنڊن ويو اتي هن شادي ڪئي کيس ٻار بہ پيدا ٿيا. پاڪستان نهڻ کان پوءِ سندس خاندان وارن کيس لنڊن گهرائڻ چاهيو پر هن چيو تہ جيئن تہ مان مذهب بدلائي چڪو آهيان ان ڪري منهنجو توهان سان ڪوبہ تعلق ناهي، کيس خطن ذريعي چيو ويو تہ هو واپس اچي پنهنجي ملڪيت سنڀالي پر هن انڪار ڪري ڇڏيو ايلي گهاٽ باقاعدگي سان دين جو مطالعو ڪيو. هن اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ انگريزي ترجمي وارو قرآن پاڪ روزانو تلاوت ڪندو هو.

اي ڊي ايلي گهاٽ جو والده ڊاڪٽر صاحب بيمار ٿي پئي تہ هن آڌيءَ رات جو ڪوچوان الهبچايو کي گهرايو ۽ چيائين تہ محمد علي بلوچ جي گهر واري فاطمہ کي وٺي اچ. ميڊم وٽ محمد علي بلوچ جي گهر واري فاطمہ پهتي تہ ان وقت ڊاڪٽر صاحب جا عزيز بستري جي

چوطرف بينل هئا. سندس اکيون پوريل هيون تہ کيس ٻڌايو ويو تہ فاطمہ اچي ويئي آهي. هن توريون اکيون کوليون ۽ سڏ ڪري ڪانئس پڇيائين تہ عبدالغفور تنهنجو ڪير آهي. هن چيو تہ منهنجو پٽ آهي. ان اي ڊي ايلي گهاٽ جو هٿ ان جي حوالي ڪندي چيو تہ مان پنهنجو پٽ الله جي ۽ تنهنجي حوالي ڪري وڃان ٿي. سندس هٿ ۾ پٽ جو هٿ ڏئي ڪجهہ سيڪنڊن ۾ هن جو روح پرواز ڪري ويو.

جڏهن تہ اي ڊي ايلي گهاٽ جو والد ڪارا ڪپڙا پائڻ ۽ مذهب بدلڻ جو مخالف هوندو هو. عبدالغفور ڊاڪٽر صاحب جي ڪار هلائيندو هو.

ڳالهہ ٿا ڪن تہ ميڊم صاحبہ هڪ ڀيرو ڪوٽڙي شهر جو سير ڪري رات جو واپس اچي رهي هئي ان دوران ڪوٽڙي واري پل مڪمل طور تي اچ وڃ جي لاءِ بند ڪئي وئي هئي. هن ڪوچ مين کي چيو تہ کيس رائل فيملي وارو اسپيشل پاس ۽ ڪارڊ ڏيکاريو جنهن بعد هنن کيس سلوٽ ڪري کيس حيدرآباد وڃڻ جي لاءِ ڪوٽڙي واري پل جو دروازو کوليو.

هڪ ڀيرو هڪ شخص گاجن شاهہ بادشاهہ بخاري جي درگاهہ تي دعا گهرڻ ويو تہ چيائين تہ بابا اشرف شاهہ کي ڇڏي مون وٽ آيا آهيو اتي وڃي دعا گهرو قبول ٿيندي. گاجن شاهہ بادشاهہ بخاري ان ڳالهہ جي تصديق ڪندي چيو تہ هڪ غير مذهب جو ماڻهو مسلمان ٿي ويندو جيڪو اسان سيني کان ٻہ هٿ اڳيان مذهب جي خدمت ڪرڻ ۾ نڪري ويندو.

## حيدرآباد جي شاهي بازار

حيدرآباد جي پڪي قلعي جي مين گيٽ کان شروع ٿي ٿئي، جيڪا هڪ ميل ڊگهي آهي نيول راءِ مارڪيٽ ٽاور وٽ ختم ٿي ٿئي.

1860ع ۾ شاهي بازار جي ٻنهي طرفن کان هندو گهراڻا آباد ٿيڻ شروع ٿي ويا. اعليٰ ذات جي هندن جا نالا ٽاداڻي، آڏواڻي، گلراجاڻي، واسواڻي، مهرچنداڻي، چندي رماڻي، ٻير بلاڻي ۽ لالواڻي

شامل آهن. قلعي جي آبادي هيرآباد ۽ عامل ڪالوني جا علائقا 1900ع صدي ۾ آباد ٿيا.

پائي خان جي چاڙهي، پائي خان نالي هتي هڪ گهوڙن جا نعال ٻڌندڙ رهندو هو. پائي خان ڊرب تي سندس آستانو هوندو ان دور گهوڙن تي چڙهي پنهنجن گهوڙن کي نعلبند ڪندا. پائي خان ذات جو اصل ۾ لغاري بروچ هو. جڏهن وفات ڪري ويو ان جي ميت جڏهن انتقال تي ته هزارن جي تعداد ۾ گهوڙي سوار ماڻهن ميت ۾ شرڪت ڪئي.

ڪاتا چوڪ، چوٽڪي گهٽي کان سروقبي لين شيرني ملانن جي پاڙي فقير جي پڙ کان گنج بخش چوڪ، نقاشن جي پاڙي کان ٽيندي شيراني ملانن جي پاڙي هميراٽي چاڙهي، چيتل چاڙهي، ڪلاٿ مارڪيٽ وٽان مٿان چاڙهي تي چڙهڻ کان پوءِ ڪاتو چوڪ اچي ٿو. چون ٿا اهو واٽي ڪيانتو جي پويان ڪانتو چوڪ مشهور ٿيو. پيرومل مهرچند آڏواڻي موجب سنگيت مل ۽ ڪيانتومل ٻه پائر هئا. سنگت واهه نهرايو بئي پاءُ چوڪ نهرايو. انهن جو اولاد نه هو. عنايت الله عباسيءَ موجب هندو عورتون ڪانون کي ڪيانتو چونديون هيون.

منو ڊوڊو پچائي پنهنجي پيارن جي نالي ڪانون کي ڪارائينديون هيون. جنهن سبب اهو ڪيانتو چوڪ مشهور ٿيو. ناهين جي پڙ ويجهو قاضي ساداتن جو پاڙو ڪوري پاڙو سڏائيندو آهي.

سري گهاٽ کان ڪاهي روڊ تي هوٽلون ڪباب وارا، جهوپڙا هوٽل موجود هئا. ڪنياتي پاڙو يا لينن ڪپڙو رنگڻ وارن جو ڪنياتي پاڙو ريشم گهاٽ، پتاشو گهٽي آڏو آهي.

ميمڻ پاڙو مارڪيٽ کان اڳيان شهاب سئنيما آڏو آهي. ڪڇي پاڙو قليلي جي ڪپ تي واقع آهي. جتي سمان ۽ ڪڇي رهن ٿا. ڪوڪر پاڙو فريد محلو گاڏي کاتي پرسان موجود آهي. اسلام آباد کان ٽنڊو يوسف ريلوي لائين وٽ گجراتي پاڙو آهي. مارڪيٽ جي پرسان سلاوٽ پاڙو موجود آهي.

فقير جي پڙ وٽ نوڙها چاڙهي طرف راءِ بائي جينانند پاٽي پيارڻ واري شيڊ ناهي ويو.

قلعي پرسان ڪندن بائي جي ياد ۾ 1926ع ۾ ناهيو ويو. يقعوب ڪاسائي جي پڙ لڳ سبيل پنجره پول جي علائقي ۾ آفنديءَ وٽ سلطان نعل بند سبيل ميونسپل هاءِ اسڪول حيدرآباد آڏو جانورن کي پاڻي پيارڻ جي لاءِ سبيل. گورنمينٽ هاءِ اسڪول سوسائٽيءَ پرسان ساڌارام صداس رسالا روڊ هوش محمد شهيد روڊ تي ناهي وئي آهي.

ايلائيٽ سئنيما پرسان گھوڙن جي لاءِ هودي ۽ نل لڳايا ويا.

ان بازار ۾ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ فقط چئن مسلمان پاتولين جا دوڪان هئا. باقي سڀ واڻين جا دوڪان هئا. جيڪي پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هندستان مان آيل پناهگيرن کي الاٽ ڪيا ويا. جنهن ۾ لکن جو سامان پڻ موجود هو. انهن اهي دوڪان کولي پنهنجو ڪاروبار شروع ڪيو. جڏهن تہ ڪين واڻين جا ڇڏيل گهر پڻ الاٽ ڪيا ويا. ڪين سرڪاري نوڪريون پڻ ڏنيون ويون. ڪين زمينون پڻ الاٽ ڪري ڏنيون ويون. انهن پنهنجي پورهئي جي زور تي بازار کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن.

فقير جو پڙ قديم دور ۾ وقت جي فقيرن جو آستانو ويهڻ جي جاءِ هوندي هئي. جتي تمام فقير گڏبا هئا. جنهن کي ڏسندي ماڻهن جو مجموعو جمع ٿي ان کي فقير جو پڙ چوندا هئا. اتي مائي خيري جي مسجد ۽ درگاهہ سائين پورل شاهہ جيڪو تمام درويش فقير هوندو هو جنهن جي نالي مشهور هو تہ سواري تانگي ۾ ويهندو تہ ان کي ڀاڙو ڪرايو نہ ڏيندو جنهن تي تانگي وارن سان هن جي تلخ ڪلامي ٿيندي رهندي هئي. ۽ فقير جي پڙ جتي مشهور تاريخ اتي. تانگا تمام فقير جي پڙ تانگن جي نالي سان سڏيو ويندو هو. هن ترقياتي دور ۾ فقير جو پڙ مان تانگن جو وجود ختم ڪيو ويو آهي.

## حيدرآباد جي مختصر تاريخ

ڪنهن زماني ۾ حيدرآباد ميونسپل جو صدر مسٽر آڏواڻي هوندو هو جنهن جا وڏا ايل ڪي آڏواڻي جا وڏا ڇوٽڪي گهٽي جي پرسان اڄ بہ آڏواڻي گهٽي جي نالي سان گڏ رهندا هئا.

مسٽر آڏواڻي پنهنجي گهر کان ميونسپل آفيس وڪٽوريا گهوڙا گاڏي تي ايندو هو. وڪٽوريا جا اسٽاپ حيدرآباد جي ريلوي اسٽيشن تي واقع هو. ٻيو اسٽاپ فقير جي پڙ ٽيون اسٽاپ گاڏي کاتي حيدرآباد ۾ گاڏين سبب مشهور ٿيو هو.

ميونسپل جو صدر آڏواڻي جڏهن روڊ تي هلندو هو ته بيمار جانورن کي ڏسندو هو ته ان کي فورن جانورن جي اسپتال پهچائيندو هو. ڳالهه ڪن ٿا ته پاڪستان نهڻ کان اڳ حيدرآباد شهر جا روڊ شيشن جيان چمڪندا هئا. هڪ ٽانگا اسٽينڊ گل خان پيٽرول پمپ وٽ هيرآباد جتي هڪ پلازه جوڙايو ويو آهي، تي واقع هوندو هو جيڪو غلام مصطفيٰ جتوئي مرحوم سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير، عثمان ڪينيڊي کي الاٽ ڪيو. مولانا وصي مظهر ندوي مرحوم ڪوهنور جو ٽانگا اسٽينڊ حيدرآباد ميونسپل طرفان فليٽ ۽ دوڪان ٺهرائي وڪرو ڪري، جڏهن عاشق مرزا مارڪيٽ ٽاور وڪرو ڪري ڇڏيو. جتي ٽانگا اسٽينڊ هو. تارا چند اسپتال وڪرو ڪري، حافظ مبارڪ شاهه سينٽر ٺاهيو ويو. جتي هڪ فلور تي اسپتال قائم آهي، جنهن جو ايم ايس ڊاڪٽر امتياز رحيم ميمڻ آهي ۽ چانڊني سئنيما پرسان ايس آر ٽي اسٽاپ وڪرو ڪري عارف بلڊرس کي ڏنو ويو ۽ پوليس هيڊ ڪوارٽر جا ڪوارٽر تي الرحيم پلازه عارف بلڊرس ٺهرايو.

افسوس جي ڳالهه آهي ته نور محمد هاءِ اسڪول جي اولهه طرف هڪ وڏو مندر هوندو هو. جنهن کي برهمو مندر ڪري چوندا هئا. اهو مندر آڏواڻي خاندان جي هڪ نامور فرد ساڌو هيرانند ٺهرايو هو. ايوب خان جي حڪومت ۾ هن مندر کي ڊاهي اتي لبرٽي مارڪيٽ جي نالي سان حسنين پلازه ڪرنل حيدر طرفان ٺهرايو ويو. جيڪا نهايت افسوس جي ڳالهه آهي ۽ مذهبي لحاظ کان ناقابل قبول آهي. جامع عربيه هاءِ اسڪول تلڪ چاڙهي کان وٺي جيل روڊ جي چاڙهي تائين جتي دادن شاهه پاڙو جنهن کي شهيدن جو قبرستان مقام چيو ويندو هو ان ۾ سرفراز شاهه ڪلهوڙو شهيد جو مقبرو واقع آهي. جتي هينئر سرفراز ڪالوني ۽ پناڻ ڪالوني واقع آهي.

فردوس سئنيما ۽ ڪوهنور سئنيما پرسان قبرستان واقع هئا. جن جو هن وقت ڪوبہ نالو نشان ناهي. تقريباً ڪلهوڙا ڪالوني ۽ ميرن جي قبن جي ساڳي حالت آهي. سڄي هيرآباد محل ماڙي تي نهيل هئي. اتي آڏا ڦڏا پلازه ناهي سڄي ڪالوني کي تباهہ ڪيو ويو آهي. گهڻن جون گهٽيون بند ڪيون ويون آهن.

## حيدرآباد جي آبادي

حيدرآباد شهر جي سڀ کان پهرين مردم شماري انگريزن جي دور ۾ 1808ع ۾ ٿي. ان وقت آبادي 15 هزارن ماڻهن تي ٻڌل هئي. بعد ۾

1818ع ۾ 18 هزار.
1843ع ۾ 42 هزار.
1872ع ۾ 43088.
1881ع ۾ 48153.
1891ع ۾ 58048.
1901ع ۾ 69378.
1911ع ۾ 75952.
1921ع ۾ 81838.
1931ع ۾ 101699.
1941ع ۾ 134693.
1951ع ۾ 241801.
1961ع ۾ 434537.
1972ع ۾ 228631.
1981ع ۾ 751529.
2000ع ۾ 1368721.

## رهائشي اسڪيمون

حيدرآباد ۾ سڀ کان پهرين رهائش رتا. حسنين پلازه لبرٽي مارڪيٽ نزد سول اسپتال. پرگڙي فليٽس نزد ڪيپري سئنيما. الواحد اسڪوائر پڪو قلعو رابعہ اسڪوائر. سڪينہ اسڪوائر. رزاق سينٽر

گاڏي کاتو ۽ عارف اسڪوائر، الرحيم سينٽر ۽ ڪوهنور سينٽر اسٽيشن روڊ، ايس آر ٽي سي فليٽس نزد چاندني سئنيما ۽ چاندني فليٽس ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل فليٽس گل سينٽر ۽ هل ٽاپ پلازه کان علاوه لطيف آباد نمبر 8 ۾ صديق اسڪوائر، شاهين آرڪيڊ، چراغ اسڪوائر، ٺنڊي سڙڪ تي ايگريڪلچرل ڪامپليڪس، ريور ويو سي بريز لطيف آباد ۾ رفيق سينٽر کان علاوه عبدالله بلڊرز وارن گذريل 30 سالن ۾ عبدالله سينٽر، قاسم آباد، عبدالله چيمبر صدر، عبدالله اوينيو واڏو واهه، عبدالله بنگلوز عبدالله ٽائون، عبدالله بليسنگ، عبدالله ويلي ۽ عبدالله گارڊن، صنم هائيٽس، صبا هائيٽس، ايچ ڊي اي فليٽس، نيو عبدالله پرائيڊ، نيو عبدالله سٽيزن ٽائون، عبدالله هائوسنگ، عبدالله هائيٽس، عبدالله پيلس، ميمڻ نگر، عبدالله ڪارنر، عبدالله هيون ۽ ان کان علاوه پٺائي ٽائون، پٺائي نگر، اختر ڪاٽيج، واحد اسڪوائر، عبدالله هومز اسٽيٽ لائيف بلڊنگ کان علاوه ٻيون رهائشي رٿائون اڏاوت هيٺ آهن.

عارف بلڊرز طرفان قاسم آباد ۾ الرحمان بنگلوز الرحمان پلازه، الرحمان ڪاٽيج، نقاش ولاز ريور ويو اپارٽمينٽ، ايگريڪلچر ڪامپليڪس، وحدت ڪالوني، طارق ليونا، بسم الله ٽاور الرحيم ولاز الرحمان ٽاور ۽ ٻيون رهائشي رٿائون تيار ڪيون ويون آهن.

شير محمد پنهور

# ٽنڊو يوسف

ٽنڊو يوسف ميرن جي وقت ۾ ميرن جي حويلي ۾ ٽنڊو ٻار چائو ان ٻار ماءُ جي ٿڃ نہ پيتي، پر ان علائقي ۾ هڪ مائي رهندي هئي، ان جي ٿڃ پيتي، جيڪا ڪڏهن اتي رهندي هئي. ميرن جي ٻارن مائي حوران کي پٽ چائو هو پوءِ ميرن کي خبر پئي، ان مائيءَ کي پٽ چائو آهي تہ هن کي ميرن جي حويلي ۾ گهرائي چيو ويو تہ اسان جي نينگري کي ٿڃ پيار. ان کان پوءِ ان مائيءَ ميرن جي ٻارن کي ٿڃ پياري ۽ ان پٽ جو نالو يوسف سڏجڻ لڳو. ميرن جو سچو ڪاروهنوار محمد يوسف جي هٿ ۾ اچي ويو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ميرن . ي رياست ختم ڪري، ان علائقي کي ٽنڊو يوسف جي نالي سان سڏيو ويو.

ٽنڊو يوسف بابت ٻي روايت ۾ چون ٿا تہ 1939ع ۾ هن علائقي ۾ واهہ وهندا هئا. جن تي وڏا پٿر لڙهندا هئا. چمڙي جو وڏو ڪاروبار هلندو هو. يوسف خان پٺاڻ جيڪو ڪابل کان حيدرآباد ايندو هو جهازن رستي هن علائقي مان جهازن ذريعي لگهندا ۽ چمڙي جا جهاز هلندا هئا. انهن واهن کي يوسف جا واهہ سڏيندا هئا. تنهن ڪري ان تي يوسف نالي پنيان اڄ جي دور ۾ ٽنڊو يوسف سڏيو وڃي ٿو. جڏهن تہ هن علائقي ۾ اڄ ترقياتي دور ۾ نظر وجهنداسين تہ ان دور پهتل ماڳ اڃا تائين يادگار بيٺل آهن. اهي وڏا چوڪنٺ ناهڻ ان دور جا آباد ٿيل شخصيتن جي نالن سان پاڙا قائم دائم آهن. اڄ جي ظالم دور ۾ بلڪل نظرانداز ڪيو ويو آهي.

## ميرن جا ٽنڊا

ٽنڊو مير غلام حسين، لطيف آباد نمبر 9 ۾ واقع آهي. ان جو بنياد مير الهداد خان جي فرزند مير غلام حسين ارڙهين صديءَ جي

آخر ۾ رکيو. ان جي ڀرسان ٽنڊو مير فضل واقع آهي. جنهن مير فضل ٽائون لطيف آباد نمبر 9 حيدرآباد چون ٿا.

ٽنڊو مير نور محمد، مير حسن علي جي چاچي پرنس مير نورمحمد خان پبلڪ اسڪول لطيف آباد نمبر 3 ڀرسان لطيف آباد نمبر 4 ۾ آباد ڪيو هو. مير نصير خان جو ميوزيم پڻ اتي واقع آهي.

ٽنڊو يوسف ميان محمد يوسف منگول هو. جنهن جي والده مير غلام علي خان ٽالپر جي پٽ مير محمد خان کي کير پياريو ان جي نالي سان مشهور ٿيو.

ٽنڊو مير محمود خان، مير محمود خان شهداداڻي ٽالپر مير بهرام خان ٽالپر جي فرزند جي نالي سان ٺاهيو ويو. مير محمود بهادر جرنيل هو.

ٽنڊو آغا، قليلي جي ڪپ تي آغا اسماعيل شاهه بن آغا ابراهيم شاهه بن سيد هادي شاهه جي نالي سان آباد ٿيو. جيڪي اصل ۾ اصفهان ايران جا رهواسي هئا. هادي شاهه حڪيم هو. ڪين ڪابل ۽ خراسان ۾ سفارتڪار ناهي موڪليو ويو. آغا اسماعيل ميرن جو وزير هو.

ٽنڊو نوڙهو نواب خير محمد خان نوڙهو جي فرزند نواب فتح علي خان نالي تي آباد ٿيو. جيڪو مير مراد علي خان جي دربار ۾ امير هو.

ٽنڊو ولي محمد نواب غلام محمد خان لغاري جي فرزند نواب ولي محمد خان لغاري جيڪو ميرن جي دربار جو امير هو ۽ سپهه سالار هو. برک دانشور ۽ وڏو حڪيم پڻ هو. ان شروع ۾ ڇانوٽيءَ جو علائقو ٽنڊو ولي محمد وسايو جتي هن وقت گل سينٽر ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل حيدرآباد جون عمارتون آهن. بعد ۾ اهي نئين ٽنڊو ولي محمد نزد مارڪيٽ منتقل ٿي ويا. جڏهن ته سندس مقبرو سرفراز شاهه جي مزار لڳ واقع آهي.

ٽنڊو طيب، ريلوي اسٽيشن ڀرسان الهداد چنڊ ڳوٺ لڳ ٽنڊو طيب ۽ مصري شاهه جو پاڙو آباد آهي. ميان محمد طيب مير نصير خان جو خدمتگار هو. ان ڪري اهو علائقو سندس نالي سان مشهور ٿي ويو.

ٽنڊو جهانيان، ٽنڊو فتح الدين شاهه سيد شير شاهه جلال

الدين سرخ پوش بخاري جي اولاد مان 7 هجري ۾ بخارا کان پنجاب جي شهر اُچ ۾ ان جو پوٽو سيد جلال الدين مخدوم جهانيان جهان گشت رهائش اختيار ڪئي. ان جهانيان خاندان جي اولاد مان سيد وڏيل شاهه جو پٽ فتح الدين شاهه چانوٽي لڳ ٽنڊو جهانيان آباد ڪيو. جنهن جو پٽ قطب علي شاهه ۽ پٽ سيد روشن علي شاهه موجوده سجاده نشين هادي بخش شاهه. جنهن جي نالي هادي نگر قاسم آباد ۾ آباد آهي. موجوده سجاده نشين سيد نور حسين شاهه آهي. سيد منظور "ڪمتر" نقوي وصال ڪري ويا سندس فرزند سيد مختيار نقوي، سيد طاهر شاهه، سيد سجاد علي شاهه، پروفيسر سيد زوار نقوي ۽ ٻيا انهن جي خاندان مان آهن. سرڪاري نوڪرين ۾ آهن.

ٽنڊو ماهي ماهڻ، چانگ قوم جي عورت ماهي ماهڻ جي نالي تي آباد ٿيو. جنهن جو اصل نالو ماٽڪان هو. جو بلوچي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ چانڊوڪي. ان ڪري جو جو فارسي رائج هجڻ سبب مائي ماه تن مان بگڙجي ماهي ماهڻ ٿي ويو. ان جي پيءُ جو نالو سردار دليل خان ۽ عرس شاهه هو.

سردار تاج محمد خان اهي بلوچستان لڳ ياڳ ناڙي جي سراوان جا رهواسي هئا. جنهن پنهنجي ڌيءَ مير مراد علي خان ٽالپر سندس جي گهر ۾ پرڻائي ڏني هئي.

ٽنڊو گدو، گدو بندر حسين آباد ديوان گدومل جي ملازم جي نالي آباد ڪيو ويو. بعد ۾ ديوان گدومل گدواڻي هتي منتقل ٿي ويو. جيڪو پڪي قلعي پرسان واقع آهي.

حيدرآباد جي قلعي پرسان ڏتل شاهه جي چاڙهي آهي جتي ٻه قبرون واقع آهن. فقير جي پڙ همون جي چاڙهي آهي. ڪلاٿ مارڪيٽ آڏو هميراڻي چاڙهي آهي، جنهن کي چيتل چاڙهي پڻ سڏيو وڃي ٿو.

مسلم هاءِ اسڪول آڏو ڪاهي روڊ ڏانهن ويندڙ چاڙهي آهي.
سخي پير جي چاڙهي مارڪيٽ کان لياقت ڪالوني وڃڻ جي آهي.
قدم گاهه مولا علي، سخي وهاب جي چاڙهي قلعي کان اسٽيشن روڊ

ڏانهن لهي ٿي.

پڪي قلعي کان اسٽيشن روڊ وڃڻ لاءِ ٻائي خان چاڙهي، هوم اسٽيڊ هال جي چاڙهي، پڪي قلعي کان اسٽيشن روڊ وڃڻ جي لاءِ استعمال ٿئي ٿي. پکا پير چاڙهي ڪوهنور پلازه کان ريشم بازار وڃڻ جي لاءِ استعمال ٿيندي آهي. هوپ فل هاءِ اسڪول . ساتي پاڙي ڏانهن ويندڙ بوچالو شاهه جي چاڙهي آهي. هيٺ حبيب بئنڪ اسٽيشن روڊ آهي.

پناڻ ڪالوني کان سينٽرل جيل وڃڻ جي لاءِ نيشنل هاءِ وي واري چاڙهي. حر ڪئمپ واري چاڙهي، ڪلهوڙن جي مزارن وٽان لنگهي ٿي. جيمخانه چاڙهي ٿڌي سڙڪ کان جيمخانه گاڏي کاتي وڃڻ جي لاءِ استعمال ٿئي ٿي.

هل ٽاپ واري لطيف آباد کان حيدرآباد وڃڻ لاءِ 1964ع ۾ اُميدن پريو قبرستان لڳ ناهي وئي. تلڪ چاڙهي، لوڪمانيه گنگاڌر تلڪ جي نالي سان مشهور آهي. سرفراز چاڙهي، شهيد سرفراز بابا جي نزد لڳ چاڙهي جيڪب روڊ ويندڙ چاڙهي.

سري گهاٽ کان کاهي روڊ تي هوٽلون ڪباب وارا، جهوپڙا هوٽل موجود هئا. ڪنياتي پاڙو يا لينن ڪپڙو رنگڻ وارن جو ڪنياتي پاڙو ريشم گهاٽ، پتاشو گهٽي آڏو آهي.

ميمڻ پاڙو مارڪيٽ کان اڳيان شهاب سئنيما آڏو آهي. ڪڇي پاڙو قليلي جي ڪپ تي واقع آهي. جتي سمان ۽ ڪڇي رهن ٿا. ڪوڪر پاڙو فريد محلو گاڏي کاتي پرسان موجود آهي. اسلام آباد کان ٽنڊو يوسف ريلوي لائين وٽ گجراتي پاڙو آهي. مارڪيٽ جي پرسان سلاوٽ پاڙو موجود آهي.

فقير جي پڙ وٽ نوڙها چاڙهي طرف راءِ بائي جيناننڊ پاٽي پيارڻ واري شيڊ ناهي ويو.

قلعي پرسان ڪندن بائي جي ياد ۾ 1926ع ۾ ناهيو ويو. يقعوب ڪاسائي جي پڙ لڳ سبيل پنجره پول جي علائقي ۾ آفنديءَ وٽ سلطان نعل بند سبيل ميونسپل هاءِ اسڪول حيدرآباد آڏو جانورن کي پاٽي پيارڻ جي لاءِ سبيل. گورنمينٽ هاءِ اسڪول سوسائٽيءَ پرسان ساڌارام صداس

رسالا روڊ هوش محمد شهيد روڊ تي ناهي وئي آهي.
ايلائيٽ سئنيما پرسان گهوڙن جي لاءِ هودي ۽ نل لڳايا ويا.

## مائي خيري ٽالپر

مائي خيري جو اصل نالو بيبي خيرالنساءِ ٽالپر هو. اها مير صوبدار خان ٽالپر شهيد جي راڻي هئي. جيڪو ميرن جي دربار جو خاص رڪن هو.

مائي خيران لائق ۽ پرهيزگار استادن جي نظرداري هيٺ تعليم حاصل ڪئي. پاڻ ڏاڍي هوشيار ۽ ذهين هئي. سخي دل ۽ دريا دل عورت هئي. جنهن جو نالو اڄ به ڳائجي پيو. ان وقت ۾ عربي ۽ فارسي جي تعليم ڏني ويندي هئي. هاڻي خيري قرآن شريف پوري ڪري ورتو. عربي فارسي جي لياقت حاصل ڪيائين. سخي ۽ ديندار ماڻهن جي احوال پڙندي هئي. ديني علم سان چاهه هوندو هوس. نهايت رحمدل ۽ نيڪ عورت هئي. هر سال زڪوات ڪڍندي هئي. جيڪا غريبن ۽ مسڪينن ۾ گهر ڏياري موڪليندي هئي.

هن بيڏڙين، معذورن ۽ بيواهه عورتن جي لاءِ ماهوار وظيفا پڻ مقرر ڪيا هئا. ڪنهن به سواليءَ کي هٿين خالي واپس نه ڪندي هئي. پاڻ دولت مند هوندي به سادگي سان رهندي هئي. سادو کائيندي هئي ۽ چوندي هئي ته الله تعاليٰ دولت ڏني آهي ان ۾ غريبن جو حصو مقرر آهي. جيڪو ضرور ادا ٿيڻ گهرجي.

سندس خير جا دروازا مسڪينن جي لاءِ هر وقت کليل رهندا هئا. هن ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ مسجدون ۽ مدرسا تعمير ڪرايا ۽ کوهه کوٽرايا.

فقير جي پڙ ۾ هڪ مسجد جوڙايائين. جيڪا اڄ مائي خيري جي مسجد جي نالي سان مشهور آهي. هن مسجد سان لڳ هڪ ديني مدرسو پڻ قائم ڪرايو ويو جنهن جو خرچ پاڻ برداشت ڪندي هئي.
کاڌو پيتو ڪپڙو لٽو ۽ علاج وغيره جو خرچ هن جي ذمي هوندو هو.
غريبن ۽ نادارن جي شادي، لاوارثن جو ڪفن دفن جو انتظام

ڪندي هئي. هي نيڪوڪار خاتون پهرين رمضان مبارڪ سن 1272 هجري ۾ هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري وئي. ڪيس هالا پرسان خدا آباد ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

حيدرآباد شهر ۾ هڪ مسجد جيڪا مائي خيري جيڪا فقير جي پڙ ۾ آهي. 1319 هجري ۾ مدرسو قائم ڪيو ويو.

مسجد مائي خيري مدرسو مولانا محمد حسن انگريزن جي دور حڪومت ۾ قائم ڪيو. جيڪو شهر جي مرڪز ۾ قائم هو.

پاڪستان نهڻ کان پوءِ 1949ع ۾ سنڌ اورينٽل ڪاليج هيرآباد حيدرآباد ۾ قائم ڪيو ويو جنهن ۾ عربي، فارسي، سنڌي ۽ اردو کان علاوه ٻين ٻولين جي تعليم ڏني ويندي هئي. امتحان ٿيندا هئا، جنهن مدرسي مان پڙهي شاگرد اديب ۽ عالم ٿيندا هئا.

ان کان علاوه جامع رڪن الدين آزاد ميدان هيرآباد حيدرآباد مدرسه احسن البرڪات پڪو قلعو نزد هوم اسٽيڊ هال (مکي هائوس) حيدرآباد قائم ڪيو ويو. هوم اسٽيڊ هال ۾ پبلڪ لئبريري 1972ع ۾ قائم ٿي، ان لائبريري کي ضلعي حڪومت نئين سر مرمت ڪري مولانا حسرت موهاني پبلڪ لائبريري نالو رکيو آهي.

جامعه رڪن الدين آزاد ميدان حيدرآباد هيرآباد مدرسه احسن البرڪات نزد هوم اسٽيڊ هال حيدرآباد مدرسه قوت الاسلام غريب آباد، مدرسه مدينته العلوم پينبو شريف تعلقو حيدرآباد، دارلعلوم اشرفيه ٽنڊوالهيار ضلعو حيدرآباد ۾ قائم ڪيو ويو.

مدرسه تعليم القرآن واڍن جو پڙ حيدرآباد. سائين عنايت الله عباسي، جنرل سيڪريٽري سوشل ويلفيئر سوسائٽي واڍن جو پڙ جي ڪوشش سان جنوري 1975ع ۾ واڍن جي پڙ جي مسجد جي پيش امام مرحوم مولوي محمد عمر بروهي فاضل سند يافته مدرسه عربيه معلم حاجي فيض محمد ميمڻ مرحوم الله بچايو سومرو جي اولاد جي تعاون سان ٻار قرآن شريف جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. (ڪتاب "اسلامي درسگاهه" تان ورتل).

## راڻي باغ، حيدرآباد

حيدرآباد جي مرڪزي عيد گاهہ راڻي باغ لڳ نيشنل هاءِ وي تي قائم ڪيل آهي. اها عيد گاهہ بلڪل لاهور جي شاهي مسجد جي، طرز تي تعمير ٿيل آهي. ٻي وڏي عيدگاهہ ڇانوڻي واري علائقي ۾ نيومئجسٽڪ سئنيما لڳ قائم آهي. حيدرآباد ڇانوڻيءَ جي مرڪزي جامع مسجد وڏي آهي. جتي نمازي نماز ادا ڪن ٿا.

گاڏي کاتي ۾ اورنگزيب مسجد، پوليس لائين واري مسجد، گاڏي گاتي تي توڪل مسجد، مدينہ مسجد ۽ الله والي مسجد، ممتاز ڪالوني لڳ قائم آهي.

لطيف آباد نمبر 8 ۽ لطيف آباد نمبر 6 ۾ گول مسجد ۽ لطيف آباد نمبر 10 لطيف آباد نمبر 11 جون وڏيون مسجدون آهن.

حيدرآباد جي راڻي باغ جو بنياد 1935ع ۾ رکيو ويو. 1937ع ۾ ڀائي ليلارام پيرومل پنهنجي والد جا سهارام خوبچند ليلارام جي ياد ۾ هڪ چبوترو راڻي باغ جي وچ ۾ ٺهرايو هو. جنهن وٽ ڪنهن زماني ۾ هوٽل هوندي هئي. هينئر راڻي باغ جي مک جاءِ آهي، جتي جهولا لڳايا ۽ پارڪ ناهيو ويو آهي.

1942ع ۾ ديوان واڌومل جهامن داس ڀائي واڌو مل پنهنجي نياڻي گوپي جي ياد ۾ هڪ تلاءُ ٺهرايو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ اتي جانورن ۽ چڙيا گهر ناهيو ويو.

هن وقت هڪ طرف سيٺ ولي ڀائي وارن برڪت ڀائي پارڪ ٺهرايو آهي. جڏهن تہ زناني پارڪ جنهن کي چارديواري پٽ آهي کي فن لينڊ ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف اوپن ايئر ٿيئيٽر آهي جڏهن تہ ٻئي پاسي مسجد ۽ عيدگاهہ قائم ڪئي ويئي آهي.

حيدرآباد ۾ پاڻيءَ جي فراهمي ۽ نڪاسي واڌو واهہ جيڪو جي او آر ڪالوني کان قاسم آباد باءِ پاس کان عبدالله گارڊن وٽ فسادي واهہ واقع آهي. حيدرآباد ۾ ڦليلي واهہ مان صاف پاڻي حيدرآباد کي فراهم ٿيندو رهي ٿو. جڏهن تہ ڪاري موري ۾ شهر جو گندو پاڻي

خارج ٿيندو هو. اوڊين سئنيما کان نشاط سئنيما تائين هن وقت گندو نالو وهي ٿو جنهن ۾ شهر جو ڪنو پاڻي خارج ٿيندو آهي. واڏو واهه چوڙ واڏو مل واٽيي جي نالي ڪري مشهور ٿيو. اهو راڻي باغ کي آباد ڪندو هو.

حيدرآباد ۾ تلاءُ نمبر هڪ ميمڻ اسپتال واري علائقي گئوشالا وٽ واقع هو. ٻيو تالاب سابقه ڪئپيٽل سئنيما موجوده ڪئپيٽل بينگل مارڪيٽ ۽ پلازه آڏو موجود هوندو هو. ٽيون تالاب مصري شاهه جي پاڙي جاني شاهه محلي وٽ واقع هو. ٽيون نمبر تلاءُ 1906ع تائين موجود هو. چوٿون تلاءُ ڪُر ڪئمپ ۾ واقع هو. جنهن کي جيڪب تلاءُ چيو ويجي ٿو. جنهن مان هيرآباد ۽ ڇانوڻي ۾ پاڻي رسايو ويندو هو. هينئر پڪي قلعي، صحافي ڪالوني ۾ واسا طرفان ٽانڪيون ٺاهي پاڻي فراهم ڪيو ويجي ٿو.

اتفاق جي ڳالهه آهي ته مکي باغ ۾ هڪ کوهه هوندو هو جنهن جو پاڻي مٺو هوندو هو. جنهن سبب مکي باغ ۾ روزي اڃي ڪمائڻ وارن جو رش هوندو هو.

داس باغ، جنهن کي شڪارگاهه مان داس باغ ۾ تبديل ڪيو ويو. جنهن کي هاڻي راڻي باغ چون ٿا. جيڪو 120 ايڪڙن تي مشتمل آهي. انگريزن هن کي ايم ايس گارڊن، پاڪستان ٺهڻ بعد ميونسپل گارڊن پير الاهي بخش گارڊن نالو رکيو ويو.

يوسف گارڊن ٽنڊو يوسف ۾ ميرن جي ملازم جي نالي سان ٽنڊو يوسف قبرستان وٽ موجود هو. جيڪو يٽي ڳوٺ تائين پکڙيل هو.

خانبهادر حسن علي آفندي ثروت باغ خريد ڪري رهائش اختيار ڪئي. ان کي آفندي باغ چيو ويندو هو. جتي هاڻي حسن علي آفندي ٽائون ٺاهيو ويو آهي. مير گارڊن جيڪو شير محمد بلوچ کي ميرن سوڪڙي ۾ ڏنو هندن طرفان مندر ۽ دوڪان، خدمت خلق طرفان اسپتال ٺاهي ولار ڪئي ويئي آهي. اسٽيشن روڊ آڏو واقع آهي مير باغ

وسرام باغ حسين آباد گدو ۾ واقع هو. هاڻي دريا جي ڪپ تي مهراڻ باغ ٺاهيو ويو آهي.

ڊولڻ داس باغ جيڪو گورنمينٽ ڪاليج قليلي جي ڪپ تي واقع هو اهو ختم ڪيو ويو آهي.

ايسرداس پارڪ، تلڪ چاڙهي مٿان فوڪس اسٽوڊيو واري گهٽي وٽ واقع هو ختم ڪيو ويو آهي.

شامداس پارڪ، پڻ قليلي جي ڪپ تي جديد پارڪ هو ختم ڪيو ويو آهي.

پريم پارڪ، جيمخانه ڪلب آڏو واقع شاپنگ سينٽر نهڻ ڪان اڳ پريم پارڪ واقع هو. جتي هاڻي سرڪاري ملازمن جا گهر ۽ فليٽ ٺاهيا ويا آهن. ماڻهو ٻارن سان گڏ وڃي ويهندا هئا.

ڊفينس پارڪ، تازو ٺاهيو ويو آهي. جيڪو ڊفينس پلازه پرسان ٿڌي سڙڪ تي واقع آهي.

برڪت ٻائي پارڪ گنجي ٽڪر تي سائيٽ ايريا فتح چوڪ وٽ ٺاهيو ويو هو تباهه ٿي ويو آهي.

## مرڪزي آفيسون

1881ع ۾ روينيو کاتي جي هڪ عمارت تعمير ڪئي وئي جيڪا 1905ع ۾ مڪمل ڪئي وئي. ان آفيس ۾ بيراج مختيارڪار جي آفيس واقع هوندي هئي. هن وقت خوراڪ کاتي ۽ رجسٽرار ڪوآپريٽو سوسائٽي جي آفيس واقع آهي. ٻئي طرف مڇي جي پالنا واري ڊائريڪٽر جي آفيس آهي ۽ صحت کاتي، پبلڪ کاتي وارن جي آفيسن کان علاوه مليريا پروگرام جي آفيس آهي. اها بئرڪس راڻي باغ جي گيٽ نمبر 2 کان شروع ٿي پيٽرول پمپ ۽ پراڻي اسٽيٽ بئنڪ جي بلڊنگ آڏو ٿڌي سڙڪ تي واقع آهي، جتي تسليم ڪالوني ۾ ڊائريڪٽر سيٽلمينٽ سروي ۽ لئنڊ ريڪارڊ آفيس ۽ سي آئي ڊي کاتي ۽ مختيارڪار روينيو قاسم آباد ۽ رجسٽرار جي آفيس واقع آهي.

حيدرآباد جي ڪليڪٽوريٽ بلڊنگ 1912ع ۾ تاج برطانيه جي دور ۾ ڳاڙهي پٿر جي اڏاوت ڪري هڪ ماڙ عمارت ٺاهي وئي آهي، جيڪا اڄ به وڏي شان و شوڪت سان حيدرآباد شهر ۾ موجود آهي.

ان عمارت تي انگريزي ۾ جي آر آءِ ايم سي ايم XII لکيل آهي.

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ جي عمارت ۾ هن وقت ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج جون آفيسون آهن، جتي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج صاحبان ويهن ٿا. هڪ پاسي سيشن جج جو بنگلو آهي ته ٻئي طرف سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بينچ جي عمارت آهي جيڪا نئين تعمير ڪرائي ويئي آهي. ٻئي طرف ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر حيدرآباد جي نئين تعمير ٿيل عمارت آهي. هڪ طرف ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي آفيس آهي، ٻئي طرف ايڊيشنل ڪنٽرولر سول ڊفينس حيدرآباد جي آفيس آهي. ان ڪليڪٽوريٽ بلڊنگ ۾ هڪ لطيف هال آهي، جنهن ۾ سينٽرل لائبريري کان علاوه ميٽنگ هال پڻ آهي. ٿورو اڳيان هلنداسين ته ڪورٽ آف اسپيشل جج اينٽي ڪرپشن سينٽرل حيدرآباد جي ڪورٽ، سنڌ ليبر ڪورٽ نمبر 6، حيدرآباد پهرين ماڙ تي موجود آهن. ان کان علاوه ڊسٽرڪٽ اٿارٽي حيدرآباد جي آفيس موجود آهي. ان عمارت کي ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر روينيو لطيف آباد جي لاءِ نهرايو ويو هو. ان جو افتتاح ضلع ناظم حيدرآباد ڊاڪٽر مخدوم رفيق الزمان 5 جولائي 2002ع تي ڪيو هو.

سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بينچ حيدرآباد ان وقت جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه مارچ 1989ع ۾ پيڙهه جو پٿر رکيو جڏهن ته سيد مظفر حسين شاهه سنڌ جي وڏي وزير آگسٽ 1992ع ۾ هن بلڊنگ جو افتتاح ڪيو.

سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بينچ جي عمارت کان هيٺ لهندا ته ڪي بي اعظم خان بلڊنگ 1934ع ڌاري تعمير ٿي، ان ۾ سنڌ پراونشل ڪو آپريٽو بينڪ قائم هئي. هاڻي ڪو آپريٽو سوسائٽي وارن جي آفيس آهي.

سامهون ريڊيو پاڪستان جي عمارت آهي. ٻي طرف جي پي او حيدرآباد جنرل پوسٽ آفيس آهي. هڪ طرف مينارام هاسٽل آهي. جنهن تي ايلسا قاضي ڪئمپس تحرير ٿيل آهي. هن وقت ان ۾ ماڊل ڪاليج سنڌ يونيورسٽي ڊاڪٽر اين اي ڪاليج جي نالي سان هلي

رهيو آهي. ڪنهن وقت ۾ بورڊ آف انٽرميڊئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايڊيوڪيشن حيدرآباد جي آفيس قائم ڪئي ويئي هئي. جيڪا هاڻي لطيف آباد ۾ نئين عمارت ۾ منتقل ٿي وئي آهي.

ان جي پرسان ٻه ڪمرا نهرايا ويا آهن جتي ڪنوار کي هار سينگار ڪرائي شادي هال ۾ آندو ويندو هو. ڊاڪٽر بولچند پرسرام اها عمارت ان وقت 1932ع ۾ نهرائي. ان پنهنجي ان وقت جي سڄي پگهار 35 روپيا نهرائڻ جي لاءِ ڏني جيڪي اڄ جي 45 لکن برابر آهن.

ٿورو اڳتي هلندا ته بسنت هال آهي. فري لائبريري آهي. جتي شاديون ٿينديون هيون، شادي هال آهي. ان کي 26 فيبروري 1901ع تي ڪرنل آلڪٽ يا ڪرنل آڪلٽ تعمير ڪرايو هو. اها ڳالهه اتي رهندڙ مسٽر ڪمليش ڪمار ڪرپلاڻي ٻڌائي. اهو هال ڊاڪٽر ايني بيسنت ٿياسافيڪل سوسائٽي طرفان نهرايو ويو هو.

عشرت علي خان

# حيدرآباد ۾ پوليس کاتي جو قيام

حيدرآباد ۾ پوليس کاتي جو قيام 1861ع ۾ جي ڊي انور جي ڪمشنريءَ ۾ وجود ۾ آيو. ڪمشنر سنڌ مسٽر هيولاڪ 1867ع ۾ رسالدار يعني گهڙيسوارن جي انچارج صوبدار، جمعدار، حوالدار، نائيڪ، سپاهي جي نالن کي بدلائي ڪپتان ٽائون انسپيڪٽر (ڪوتوال) انسپيڪٽر، چيف ڪانسٽيبل ۽ ڪانسٽيبل جو نالو ڏنو. حيدرآباد شهر جو سڀ کان پهريون ٿاڻو پڙ فقير يعني سٽي ٿاڻو جيڪو 1901ع ۾ قائم ڪيو ويو. ڪينٽ اسٽيشن 1925ع ۾ مارڪيٽ ٿاڻو 1928ع ۾ لطيف آباد ٿاڻو اسٽيشن 1953ع ۾ قائم ڪيو ويو.

1906ع ۾ پوليس جي آفيس قائم ڪئي وئي. هن وقت شهر ۾ 20 ٿاڻا ۽ 20 پوليس چوڪيون آهن. 1906ع کان 1908ع تائين ڊي جي ڪپتان جي ڊي انور هو. خان بهادر حسين محمود شاهه پهريون مسلمان ڪپتان مقرر ٿيو هو.

سينٽرل جيل حيدرآباد 1894ع ۾ جڏهن ته ننڍي جيل نارا جيل 1851ع ۾ قائم ڪئي ويئي. سينٽرل جيل جو پهريون سپرنٽنڊنٽ آر جي ٽاپو 1 ڊسمبر 1953ع ۾ مقرر ٿيو.

## حيدرآباد جي ريلوي اسٽيشن

حيدرآباد ريلوي جنڪشن جو افتتاح 25 مئي 1900ع ۾ ٿيو. پيڙهه جو پٿر رکڻ بعد عمارت جو افتتاح 1908ع ۾ ٿيو. اولهه کان ڪراچي جي ريلوي اوير کان لاهور، پشاور ۽ ڏکڻ ۾ ميرپورخاص کوکراپار، جڏهن ته اتر ۾ ڪوٽڙي کان ڪوئيٽا تائين ريلوي لائينون وڇن ٿيون. اسٽيشن پرسان گڊس ناڪو آهي. جتي گڊس ٽرڪن جو ناڪو هوندو هو. ٿورو اڳتي هلي الهداد چنڊ پاڙو جاني شاهه پارو،

شيزان هوٽل، فردوس هوٽل ۽ مکي باغ آهي. ان کان علاوه پڪي قلعي جي چاڙهي مٿي چڙهندا تہ طاهر بازار اچي ٿي. پڪو قلعي جي مکيہ گيٽ پرسان بہ روڊ نڪرن ٿا هڪ سخي عبدالوهاب شاهہ جيلاني جي درگاهہ مولا علي جي قدم گاهہ ۽ ٻئي طرف هوم اسٽيڊ هال، مکي هائوس آهي. مکي هائوس جا ديوان مکي طرفان ناهيل هئي جيڪو حيدرآباد شهر جي هندن جو مکيہ هو. جنهن ۾ بهترين رهڻ جي لاءِ جاءِ نهرائي آهي جنهن ۾ هاڻي ميوزيم ناهيو پيو وڃي. ديوان مکي، مکي باغ ۾ هندو پنجائت جا فيصلا ڪندو هو. يوگيتا مکي مس ورلڊ سندس پوٽي هئي.

ان کان علاوه جاني شاهہ جي مزار پرسان مصري شاهہ، ٽنڊو طيب، ٽنڊو آغا، حسن علي آفندي باغ آهي.

مکي گهٽي، آڏواڻي گهٽي، شاهواڻي پاڙو، شهداديوري پاڙو، ٽنڊو نور محمد، ٽنڊو غلام حسين، ٽنڊو محمد خان، ٽنڊو الهيار، ٽنڊو جام، مياڻي جي جنگ لڳي.

مکي گوبندرام 1898ع ۾ پريتم داس جي گهر ۾ جنم ورتو. پاڻ حيدرآباد ميونسپل ڪاميٽي جا ميمبر ۽ هندو فنڊ جا ڊائريڪٽر، هندو سيا جا صدر رهيا. سنڌ اسيمبلي جي قانون ساز ڪاميٽي جا ميمبر ۽ وزير آبپاشي پڻ رهيا. 1945ع ۾ ٻيهر وزير مقرر ٿيا. ڪيس صحت ۽ صنعت وارو ڪاتو ڏنو ويو.

هن مکي هائوس جي اڏاوت ڪرائي. سندس نياڻي مس يونيورس يوگيتا مکي آهي. مکي بلڊنگ 1920ع ۾ نهرائي ويئي. ان عمارت ۾ ڪنهن وقت پارت جو قونصل خانو هوندو هو بعد ۾ ان کي سيٽلمينٽ سروي جي آفيس، ڪجهہ عرصو ان عمارت ۾ رينجرس کي 1988ع کان 2000ع تائين ترسايو ويو هو.ضلعي حڪومت اچڻ بعد خديجہ گرلس هائير سيڪنڊري اسڪول ان ۾ منتقل ڪيو ويو. هن وقت ان کي عجائب گهر ۾ ضلعي حڪومت تبديل ڪري رهي آهي.

پوڪياڻي بلڊنگ، تلڪ چاڙهي تي واقع آهي. 1918ع ۾ ناهي ويئي هئي. هن وقت ان کي خيال چند محل چيو وڃي ٿو.

جهمٽ مل ڪميت راءِ بلڊنگ قلعي چوڪ جي اولهہ ۾ واقع آهي.

تولارام بلڊنگ ليڊي ڊفرن اسپتال آڏو آهي. اسٽيشن روڊ تي واقع آهي. جتي هن وقت جماعت اسلامي جي آفيس آهي.

ڏرمداس بلڊنگ، ٽريننگ ڪاليج فار ويمين واري گهٽيءَ ۾ تلڪ چاڙهي تي واقع آهي.

وسرام مولچند ديانواس بہ ماڙ عمارت ٻن قبرن نهال شاهہ جي پڙ ۾ واقع آهي. جنهن ۾ يتيم خانہ معنيہ سعيديہ قائم ڪيو ويو آهي.

مولچند محل، چوئٿرمل ڏنڏومل جي ملڪيت ڪنياتي گهٽي پتاشہ گهٽي ۾ واقع آهي. ان جي مالڪ کي ڌاڙيلن قتل ڪري ڇڏيو هو.

مظهر محل، راحت سئنيما واري روڊ تي ڪوڏو جهمدار جيڪو مير غلام علي ٽالپر جي ملڪيت هو واقع آهي.

روپ محل: هير آباد ۾ ٽڪنڊي پارڪ وٽ 1942ع ۾ تعمير ڪيو ويو. ان کي روپ چند تعمير ڪرايو هو.

چوئٿرمل هندامل فقير جي پڙ ۾ 1918ع ۾ تعمير ڪرائي وئي.

شري رام بلڊنگ 1923ع ۾ لجپت روڊ سبزي گهٽي جي ڪنڊ تي واقع آهي.

ڀائي عالم چند هيمن داس بلڊنگ، ڳاڙهي سرن سان ٺهيل عمارت 1916ع ۾ حسين آباد ۾ گدو بازار کان ڪونٽڙي ويندڙ رستي تي قائم آهي.

پيرومل خانومل جي عمارت ڪورٽ روڊ تي فردوس سئنيما آڏو 1932ع ۾ تعمير ڪئي ويئي.

ٽائومل جو ويڙهو: 1935ع ۾ قائم ڪئي وئي، جيڪا بلڊنگ بابلاٽي گهٽي ۾ واقع آهي. (ڪتاب "حيدرآباد جي تاريخ" تان ورتل).

## ضلعي حڪومت حيدرآباد

ضلع ڪائونسل حيدرآباد 1884ع ۾ قائم ٿي. سر غلام حسين هدايت الله لوڪل بورڊ جو پهريون نائب صدر جڏهن تہ صدر ڪليڪٽر حيدرآباد هو. 1932ع ۾ سيد ميران محمد شاهہ مير غلام

علي ٽالپر ، محمد علي شاهه ڄاموٽ 1979ع ۾ پير خالد خان سرهندي چيئرمين. هو.

1. ضلعي حڪومت حيدرآباد طرفان، لطيف آباد نمبر پوٽا 7 جي ريلوي ڦاٽڪ ۾ شهر سان ملائڻ جي لاءِ فلائي اوور، نيشنل هاءِ وي واڌو واهه ۾ ٺنڊي سڙڪ حيدرآباد شهباز بلڊنگ وٽ فلائي اوورن جي اڏاوت ان کان سواءِ پنڃاري ۾ اڪرم واهه تي 5 پلن جي اڏاوت.
2. ٽراما سينٽر بين اسپتالن جي اڏاوت ۾ واڌارو ڪيو ويو.
3. 210 مڊل اسڪولن کي انگريزي اسڪولن ۾ تبديل ڪيو ويو ۽ اسڪولن جي توسيع ۽ مرمت ڪرائي ويئي.
4. ان کان علاوه پارڪ قائم ڪرڻ کان علاوه راندين جا ميدان ٺاهيا ويا آهن.
5. عباس پائي پارڪ ۽ راڻي باغ جي بيهر اڏاوت تي 15 ڪروڙ روپيا خرچ ڪيا ويا آهن.
6. سائيٽ ايريا ۾ 300 ايڪڙن تي بڏل صنعتي زون ٺاهيو ويو آهي.
7. حيدرآباد شهر جي وڏن ننڍن رستن کي بيهر ٺاهيو ويو آهي.

## تفريح گاهون

مارڪيٽ ٽاور پرسان الائيٽ سئنيما هوندي هئي، جيڪا هاڻي بند ٿي ويئي آهي. ڪاهي روڊ تي شهاب سئنيما آهي، جيڪا موجود آهي. نشاط سئنيما ۽ ڪئپيٽل سئنيما چوڙي مارڪيٽ نزد ميمڻ اسپتال وٽ موجود هئي. هاڻي ختم ٿي وئي آهي.

اوڊين سئنيما ۽ شاليمار سئنيما اسٽيشن جي پرسان واقع هيون، هاڻي ختم ٿي ويون آهن. جڏهن تہ شمس سئنيما اسٽيشن روڊ تي موجود هئي هاڻي ختم ٿي وئي آهي. وينس سئنيما جيڪا ضلعي ڪائونسل بلڊنگ لڳ واقع آهي ختم ٿي ويئي آهي. هل ٽاپ پرڻ جيمخانہ ڪلب پرسان واقع هئي. ختم ٿي وئي آهي. بمبينو سئنيما ٺنڊي سڙڪ تي نيشنل بينڪ پرسان موجود آهي.

ڪيپري سئنيما، سينٽرل جيل پرسان هئي، اها ختم ٿي ويئي

آهي. راحت سئنيما لجپت روڊ تي هئي هاڻي اتي شاپنگ سينٽر قائم ٿي ويو آهي. جڏهن ته نيو مئجسٽڪ سئنيما ڪئنٽونمينٽ ۾ موجود آهي. جڏهن ته نورمحل ڦليلي لڳ ختم ٿي وئي آهي جڏهن ته قيصر سئنيما ٽاٽي پرسان موجود آهي.

ڪوهنور سئنيما ريشم گهٽي پرسان موجود هئي، اتي شاپنگ سينٽر قائم ٿي ويو آهي. چراغ محل سئنيما ۽ شاهين سئنيما ختم ڪري لطيف آباد نمبر 8 ۾ چراغ شاپنگ سينٽر ۽ شاهين ڪامپليڪس ناهيو ويو آهي. جڏهن ته سنگيت سئنيما پڻ ختم ڪري عمارت ناهي ويئي آهي. جڏهن ته شادمان سئنيما لطيف آباد نمبر 6 ۾ شادمان شادي هال ناهيو ويو آهي.

## تعليمي ادارا

نيا وديالا اسڪول جيڪو راءِ بهادر پريوداس 1897ع ۾ تعمير ڪرائي 1900ع ۾ هن کي هاءِ اسڪول جو درجو ڏنو ويو. هاسٽل پڻ تعمير ڪئي وئي. هن عمارت ۾ پهرين سنڌ يونيورسٽي قائم ڪئي ويئي. ان جي نئين ڪئمپس ڄامشورو منتقل ٿيڻ بعد هتي ڊاڪٽر اين اي بلوچ ماڊل اسڪول ۽ ڪاليج جو بنياد رکيو ويو آهي. سنڌ يونيورسٽي پريس کان علاوه هتي ايڊيوڪيشن فيڪلٽي قائم ڪئي ويئي آهي. هن کي ايلسا قاضي ڪئمپس اولڊ ڪئمپس حيدرآباد جو نالو ڏنو ويو آهي.

چرچ مشن سوسائٽي طرفان 1862ع ۾ سينٽ بوناوينچر چوڪرن ۽ سينٽ ميري هاءِ اسڪول ڇوڪرين لاءِ کوليو ويو. نول راءِ ۽ تاراچند اين ٽي هوپ فل هاءِ اسڪول اسٽيشن روڊ تي 1866ع ۾ قائم ڪيو ويو. جيڪو غريب شاگردن جي لاءِ قائم ڪيو ويو هو.

28 آڪٽوبر 1888ع ۾ قائم ڪيل نول راءِ هيرانند ميموريل اڪيڊمي طرفان 1901ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول سوسائٽي فوجداري روڊ حيدرآباد ۾ گول بلڊنگ آڏو تعمير ڪيو ويو.

الفاروق هاءِ اسڪول مرحوم سائين محمد نواز اعوان ريشم

گهٽيءَ ۾ ڪاهي روڊ تي قائم ڪيو هو.

خالد ميموريل بوائز اينڊ گرلز اسڪول تلڪ چاڙهي پرسان رسالا روڊ تي ڊاڪٽر اسماعيل نامي جي پٽ خالد جي نالي تي قائم ڪيو ويو.

شوقي رام چاندومل اسڪول چوٽڪي گهٽيءَ ۾ 1885ع ۾ لوڪل اٿارٽيءَ طرفان قائم ڪيو ويو.

1925ع ۾ ورنيڪيولر امتحان ورتو ويندو هو. پاڪستان ٺهڻ بعد لياقت علي خان پرائمري اسڪول ۽ خاتون نسوان اسڪول قائم ڪيو ويو.

اين بي ڪونسل طرفان فيميل فارمل اسڪول 1873ع ۾ قائم ڪيو ويو.

1869ع ۾ ساڌو ٽانورداس ليلارام واسواڻي ميران هاءِ اسڪول هيرآباد ۾ قائم ڪيو جنهن کي گورنمينٽ گرلس پائليٽ اسڪول، پاڪستان ٺهڻ بعد نالو ڏنو ويو.

رئيس جڙيل اسڪول ڪمانگرن جي وستي ميمڻ اسپتال پرسان 1931ع ۾ قائم ڪيو ويو. جيڪو پاڪستان ٺهڻ بعد پڃراپور ڪنيارن جي پاڙي ۾ منتقل ڪيو ويو.

جسٽس فيروز نانا 1942ع ۾ گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول فيروز نانا هيرآباد حيدرآباد ۾ قائم ڪيو. اهو اسڪول جانورن جي اسپتال پرسان واقع آهي. نانا اسڪول جي بلڊنگ ۾ ڊسٽرڪٽ آفيسر ايڊيوڪيشن سيڪنڊري اينڊ هائير سيڪنڊري حيدرآباد جي آفيس واقع آهي.

تيچر ٽريننگ ڪاليج فار مين ۾ 1854ع ۾ عربي ۾ قائم ڪيو ويو. ٽيچرز ٽريننگ ڪاليج فار ويمين 1891ع ۾ تلڪ چاڙهي تي قائم ڪيو ويو. اهو ديوان نول راءِ شوقي رام ٺهرايو.

زبيده گرلز ڪاليج 1953ع ۾ تعمير ٿيو ۽ 1955ع ۾ شروع ڪيو ويو.

حمايت الاسلام هاءِ اسڪول چوڪرن ۽ چوڪرين جي لاءِ خان بهادر سردار محمد بخش شيخ 1954ع ۾ قائم ڪيو. (تاريخ حيدرآباد ڪتاب تان ورتل)

## گورنمينٽ ڪاليج ڪاري موري

گورنمينٽ ڪاليج ڦليلي جو بنياد 1917ع ۾ رکيو ويو. سنڌ نيشنل ڪاليج نالو رکيو ويو. 1919ع ۾ ڪاليج جو بورڊ ناهيو ويو. 1920ع ۾ ان ڪاليج ۾ لائبريري جو قيام عمل ۾ آيو. 1934ع ۾ بمبئي جي گورنر لارڊ برابورن ڪاليج جو دورو ڪيو.

گورنمينٽ ڪاليج ڪاري موري جو اصل نالو ديارام گدومل نيشنل ڊي جي نيشنل ڪاليج ڊي جي اين ڪاليج هو. ان جو بنياد 1917ع ۾ رکيو ويو. جڏهن ته 1945ع ۾ ان جي گولڊن جوبلي جي تقريب ملهائي وئي. اهو ڦليلي جي ڪپ تي واقع آهي.

غلام نبي ميمڻ، وزير قانون پارلياماني معاملا، ويسٽ پاڪستان 18 اپريل 1965ع ڊائريڪٽوريٽ پيڙهه جو پٿر رکيو. ڊائريڪٽوريٽ آف اسڪولس ايڊيوڪيشن حيدرآباد ريجن جيڪا جيڪب آباد کان وٺي حيدرآباد تائين پرائمري، مڊل، هائير ۽ هائير سيڪنڊري اسڪولن جي ڊائريڪٽوريٽ هئي، جنهن ۾ ڊائريڪٽر ڪاليجز حيدرآباد ريجن جي آفيس واقع آهي. 2005ع ۾ ريجنل مئنيجر ڪاليجز حيدرآباد جي آفيس ناهي وئي آهي. جيڪا هن وقت 7 ضلعن کي ڪنٽرول ڪري ٿي.

جڏهن ته ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر ايڊيوڪيشن حيدرآباد جي آفيس موجود آهي. جنهن جي اختيار هيٺ 2001ع کان 8 ڊسٽرڪٽ آفيسر ايڊيوڪيشن حيدرآباد ڪم ڪن ٿا. اسپورٽس، اڪيڊمڪ ۽ ٽريننگ، ايليمينٽري، سيڪنڊري اينڊ هائير سيڪنڊري حيدرآباد.

## اسلاميه ماڊرن هاءِ اسڪول

اسلاميه ماڊرن هاءِ اسڪول جي عمارت 1930ع ڌاري ديوان خان چند لالواڻي اسڪول قائم ڪيو.

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ خانگي شعبي ۾ اسڪول هلندو رهيو ون يونٽ قائم ٿيڻ کان پوءِ مخدوم غلام احمد ايم اي بي ايڊ 1955ع کان هيڊ ماستر مقرر ٿيو جيڪو 1972ع تائين اتي موجود رهيو.

1960ع ڌاري اتي اورينٽل ڪاليج قائم ڪيو ويو. جنهن ۾ اديب عالم فاضل جا شاگرد تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ امتحان ڏيندا هئا. 1956ع کان 62_1961ع تائين جا آثار ملن ٿا. جنهن جو پرنسپال مخدوم امير احمد. سابق سيڪريٽري شفيق الرحمان پراچا ان ڪاليج جو شاگرد رهي چڪو آهي. جيڪو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ انائونسر پڻ هو.

اسلاميہ ماڊرن هاءِ اسڪول جا پيا هيڊ ماستر صاحبان الطاف احمد صديقي، ايم اي، بي ايڊ، احمد علي چانگ ايم اي، بي ايڊ، حمايت علي خان قائمخاني، ايم اي، بي ايڊ ۽ عبدالستار ٻگهيو 6_8_1999ع کان 29_9_1999ع.

محمد صديق شاهاڻي 30 سيپٽمبر 1999ع کان 21 فيبروري 2001ع تائين رهيا. عبدالستار ٻگهيو صاحب 22 فيبروري 2001ع نسيم اقبال قاضي، عبدالستار ٻگهيو امير علي مرزا 26 آڪٽوبر 2004ع کان 14 جولائي 2007ع تائين، عبدالقيوم انچارج هيڊ ماستر اي اي بي ايڊ 14 جولائي 2007ع کان 31 جولائي 2007ع تائين. محمد مسعود خان زئي زيم اي اردو بي ايس سي، بي ايڊ، ايم اي اسلامڪ ڪلچر، ڊي اي، ايل ايل بي.

## مدرسۃ البنات هاءِ اسڪول

مدرسۃ البنات هاءِ اسڪول جي پيڙهہ جو پٿر مخدوم غلام حيدر صديقي ايم ايل سنڌ رکيو. ان موقعي تي سنڌ جو وزير تعليم جي ايم سيد (سيد غلام مرتضيٰ شاهہ) پڻ موجود هو. اهو پيڙهہ جو پٿر 25 آگسٽ 1940ع بمطابق 20 رجب المرجب 1359 هجري تي مسلم ادبي سوسائٽي جي ساليانو جلسي جي موقعي تي رکيو ويو.

شمس العلماءِ عمر بن محمد دائودپوٽا خان بهادر محمد بخش شيخ ان وقت جي حيدرآباد جي ڪليڪٽر حاجي سائين بخش ٽالپر، ميران محمد شاهہ ۽ ديوان بهادر ڪيمتياري آسومل ڪراچي. بيگم عبدالله هارون وڏو هال نهرايو جڏهن تہ مير الله بخش ٽالپر هنري

ڪلاس نهرايا ۽ خانصاحب عبدالحق مرحوم سڪينه جي ياد ۾ هنري ڪلاس نهرايو. سيد نادر حسين شاهه هنري ڪلاس ۽ رئيس غلام محمد پرڳڙي پنهنجي مرحوم ڌيءَ غلام فاطمه جي نالي تي هنري ڪلاس قائم ڪرايو.

## مسلم هاءِ اسڪول

مسلم هاءِ اسڪول نزد ڪلاٿ مارڪيٽ حيدرآباد جو بنياد 1947ع ۾ پائي ڌرمداس گهنشام داس نانوني جي ياد ۾ ناهيو ويو. جنهن بعد ۾ 1951ع ۽ 1952ع کان سيپٽمبر 1972ع تائين خانگي شعبي ۾ هجڻ ڪان پوءِ پهرين آڪٽوبر 1972ع تي سرڪار طرفان پهريون هيڊ ماستر اميرالدين جوڻيجو مقرر ڪيو ويو. جنهن بعد علي احمد آخوند 11 آڪٽوبر 1972ع کان 17 ڊسمبر 1973ع تائين. غلام رسول ميمڻ 18 ڊسمبر 1973ع کان 29_10_1974ع تائين رهيو جنهن بعد خان محمد مغل 30 آڪٽوبر 1974ع کان 18 ڊسمبر 1974ع تائين هيڊ ماستر رهيو.

سائين احمد شاهه بخاري 9 ڊسمبر 1974ع کان 14 جنوري 1985ع تائين. نيڪ محمد جوکيو صاحب 15 جنوري 1985ع کان 12 اپريل 1986ع تائين رهيو. جنهن بعد ايم اي رشيد خان 13 اپريل 1986ع کان 30 جون 1987ع تائين هيڊ ماستر رهيو.

1 جولائي 1987ع کان 16 آگسٽ 1988ع تائين مقصو احمد شيخ 23 نومبر 1997ع کان 1 اپريل 1999ع ۽ 30 نومبر 2000ع تائين بشير احمد ميمڻ هيڊ ماستر رهيو. 30 نومبر 2000ع کان 7 نومبر 2003ع تائين امير علي مرزا. 7 نومبر 2003ع کان 30 مئي 2005ع تائين اشرف بن محمد ۽ 31 مئي 2005ع کان 16 جون 2008ع تائين ابراهيم راجپوت ۽ 13 جون 2008ع کان هن وقت تائين فياض خان هيڊ ماستر آهي.

## نور محمد هاءِ اسڪول

نور محمد لاکير محمد سجاول لاکير جي گهر ڳوٺ چهاڪرو تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ 1900ع ۾ جنم ورتو. سندس والد

بزرگوار لاڙڪاڻي جي هڪ پرائمري اسڪول جو هيڊ ماستر هو. سائين محمد سجاول لاکير لاڙڪاڻي ضلعي کان دادو ضلعي جي تعلقي خيرپور ناٿن شاهه جي ڳوٺ ڄام لاکير لڏي آيو. نور محمد لاکير ابتدائي تعليم پنهنجي پرائمري اسڪول خيرپور ناٿن شاهه جتي سندس والد صاحب هيڊ ماستر هو، ۾ پرائي.

جنهن بعد مئٽرڪ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ مان مئٽرڪ پاس ڪري بعد ۾ انٽر، بي اي، ايل ايل بي عليڳڙهه مسلم ڪاليج يونيورسٽي انڊيا مان حاصل ڪيائين.

نور محمد صاحب ڪجهه وقت عليڳڙهه ڪاليج ۾ بحيثيت استاد مقرر ٿيو بعد ۾ ڪنهن رياست ۾ جج مقرر ٿيو. جتان رٽائرمينٽ وٺڻ کانپوءِ حيدرآباد شهر ۾ وڪالت شروع ڪيائين. 12 اپريل 1937ع تي حيدرآباد هاءِ اسڪول حيدرآباد جو بنياد رکيائين. جيڪو سندس وفات بعد سندس نالي سان منسوب ڪيو ويو.

1918ع ۾ مسلم ليگ جو سنڌ ۾ بنياد رکيو. 1919ع ۾ خلافت تحريڪ ۾ حصو ورتو. 1920ع ۾ بمبئي قانون ساز ڪائونسل جو ٽن سالن لاءِ ميمبر چونڊيو ويو.

هن 1918ع ۾ حيدرآباد هاءِ اسڪول جو حيدرآباد ۾ بنياد وڌو هو. هن سر سيد احمد خان جيان چندو جمع ڪري هاءِ اسڪول ۽ مسلم هاسٽل جي اڏاوت ڪرائي. هن 24_1923ع سر هارٽيج ڪميشن ٺاهيو جنهن هيٺ انگريزي ميڊيم اسڪول قائم ڪيو سر لسلي ولسن گورنر آف سنڌ، مسلم هاسٽل جو بنياد رکيو.

1933ع ۾ مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي حيدرآباد قائم ڪئي وئي. ان سوسائٽي جو افتتاح سر غلام حسين هدايت الله ميمبر روينيو ۽ فنانس ڪائونسل بمبئي رکيو.

نور محمد لاکير پنهنجو گهر ۽ گهر واري جا زيور گروي رکي، موجوده بلڊنگ برطانيه سرڪار کان خريد ڪري ان تي اڏاوت شروع ڪرائي. اسڪول ۾ رئيس غلام مصطفيٰ خان پرڳڙي جي نالي تي لائبريري قائم ڪئي وئي. ان کان سواءِ غلام رسول خان پرڳڙي جيئن

سنڌ جي ماڻهن کي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ معاشي طور تي پنهنجن پيرن تي بيهي سگهن.

نور محمد لاکير 22 آگسٽ 1937ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو تہ سندس ياد ۾ حيدرآباد هاءِ اسڪول جو نالو سندس نالي سان منسوب ڪيو ويو. سندس نياڻي پروفيسر مهرالنساءِ سابق پرنسپال گورنمينٽ زبيده گرلس ڪاليج حيدرآباد نور محمد لاکير ايڊيوڪيشن اينڊ ويلفيئر سوسائٽي حيدرآباد قائم ڪئي آهي، جڏهن تہ پاڻ چيئرپرسن آهي. جڏهن تہ سيڪريٽري جنرل مسٽر محمد فريد آهي. نور محمد هاءِ اسڪول جا 22 دوڪان آهن، جڏهن تہ اسڪول ۾ وڏيڪ ڪلاس روم تعمير ڪيا ويا آهن.

جنهن ۾ خان بهادر مير حاجي الهداد خان ٽالپر ۽ سيٺ حاجي عبدالله هارون جي نالي سان سائنس هال قائم ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه دارالفنون ڊرائنگ هال، حاجي حسين بخش خان ٽالپر جي نالي تي قائم ڪيا ويا آهن. جڏهن تہ مسلم هاسٽل ان جو نالو مخدوم بلاول هاسٽل رکيو ويو آهي.

هن وقت اسڪول ۾ 85 استاد ڪم ڪري رهيا آهن. جڏهن تہ 2 هزار شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. هن وقت مسٽر عطا محمد بوزدار هيڊ ماسٽر آهي.

مخدوم بلاول هاسٽل جا 57 ڪمرا آهن، جڏهن تہ پرنسپل جي رهائش گاهہ علاوه 2 عدد هال، 2 بورچيخانا ۽ 2 سپرنٽنڊنٽ هاسٽل جون 2 آفيسون، 7 عدد سندن رهائش جي لاءِ ڪمرا، هڪ عدد مسجد ۽ ليٽرين آهن. هن وقت رينجرس جا سپاهي اتي رهائش رکن ٿا. هن اسڪول ۾ سنڌ جو وڏو وزير ۽ سابق نگران وزير اعظم غلام مصطفيٰ جتوئي، جسٽس عبدالقادر هاليپوٽو سيد قمرالزمان شاهہ، وي سي مظهرالحق صديقي، مظهر بلوچ مرحوم، مرحوم پروفيسر عبدالرحيم ڏيٿو ۽ ٻيا هاسٽل ۾ شاگرد جي حيثيت ۾ رهي چڪا آهن.

حيدرآباد هاءِ اسڪول ۽ موجوده نور محمد هاءِ اسڪول جا هيٺيان هيڊ ماسٽر رهي چڪا آهن:

ڊيبلو زيڊ احمد 20 جون 1934ع کان 6 مئي 1939ع
7 مئي 1939ع کان 14 جولائي 1939ع تائين فضل محمد پناڻ
غلام محمد شاهواڻي 15 جولائي 1939ع کان 14 مئي 1948ع
ڪي اي آئر 14 مئي 1948ع کان 19 سيپٽمبر 1949ع
جي اي جعفري بي اي آنرز ايم اي بي ايچ ڊي 20 سيپٽمبر 1949ع کان 1966ع تائين
غلام حسين بالادي 1966ع کان 26 جنوري 1980ع تائين، جنهن دوران 1972ع ۾ اسڪول کي قومي ملڪيت ۾ ورتو ويو.
غياث الدين قاضي 27 جنوري 1980ع کان 4 آڪٽوبر 1989ع تائين
نظر محمد عباسي 5 آڪٽوبر 1989ع کان 7 آگسٽ 1996ع تائين
محمد عثمان ٽگو 13 آگسٽ 1996ع کان 2 آڪٽوبر 1997ع تائين
فريد احمد ميمڻ 3 آڪٽوبر 1997ع کان 6 مارچ 1998ع تائين
منظور علي عيساڻي 7 مارچ 1998ع کان 8 مئي 1998ع تائين فريد احمد ميمڻ 10 مارچ 1999ع کان 11 نومبر 2003ع تائين آپا رحمت قاضي 10 مارچ 1999 کان 21 جولائي 2004ع تائين ايم ايم الياس انجم 22 جولائي 2004ع کان 18 آگسٽ 2004ع تائين آپا صغيرا شيخ 16 فيبروري 2004 کان 5 جنوري 2005ع نادر حسين سومرو 18 اپريل 2005ع کان 16 فيبروري 2006ع
مسز سعيده قاضي 15 نومبر 2006ع کان 21 نومبر 2006ع تائين رهيا.

## گورنمينٽ ڪاليج آف ٽيڪنالاجي

گورنمينٽ ڪاليج آف ٽيڪنالاجي وحدت ڪالوني حيدرآباد ۾ 1957ع ۾ ٽيڪنيڪل انسٽيٽيوٽ قائم ڪيو ويو. جنهن کي 1962ع ۾ پولي ٽيڪنيڪل ڪاليج جو درجو ڏنو ويو ۽ بي ٽيڪ پروگرام شروع ڪري ان انسٽيٽيوٽ کي اپ گريڊ ڪيو ويو.

1983ع ۾ ڊپلوما ايسوسيئيٽ انجنيئر بي ٽيڪ بيچلر آف ٽيڪنالاجي، بي ٽيڪ آنرز بيچلر آف ٽيڪنالاجي، ڊپلوما ايسوسيئيٽ انجنيئر ٽن سالن جو پروگرام شروع ڪيو ويو.

ٽيڪنيڪل ڪاليج ۾ 1988ع ۾ سيلف فنانس رٿا هيٺ پڙ

شامل جو سول ٽيڪنالاجي، اليڪٽرڪ ٽيڪنالاجي، مڪئنيڪل ٽيڪنالاجي، اليڪٽرونڪس ٽيڪنالاجي ۽ ڊپلوما ان ڪمپيوٽر انفارميشن ٽيڪنالاجي ۾ شروع ڪيو ويو آهي. داخلا لاءِ ميٽرڪ سائنس ۽ مئٽرڪ ٽيڪنيڪل لاءِ ڊپلوما ايسوسيئيٽ انجنيئر جي لاءِ 45 سيڪڙو مارڪون هجڻ ضروري آهن.

1985_86ع ۾ حڪومت سنڌ مونو ٽيڪنيڪل انسٽيٽيوٽ مٽياري جو بنياد رکيو. جيڪو الهڏنو ساند روڊ تي نيشنل هاءِ وي کان هڪ ميل پري مٽياري ويجهو قائم ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ ميٽرڪ ۽ انٽر پري انجنيئرنگ جي شاگردن کي داخلا ڏني ويجي ٿي.

ڪاليج ۾ ڊپلوما آف ايسوسيئيٽ انجنئرنگ جو ڊپلوما ڪورس ڪرايو ويجي ٿو.

## پبلڪ اسڪول

پبلڪ اسڪول لطيف آباد حيدرآباد 1960ع ڌاري نيشنل ايڊيوڪيشن ڪميشن جي سفارش تي قائم ڪيو ويو. جولاءِ 1961ع ۾ ان وقت جي ڪمشنر حيدرآباد نياز احمد ان جو بنياد رکيو. پبلڪ اسڪول حيدرآباد ۾ جونيئر سيڪشن ۾ نرسري کان پنجين ڪلاس تائين تعليم ڏني ويجي ٿي. جتي هڪ هزار ٻار تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.

ان کان علاوه سينئر بوائز سينئر گرلز سيڪشن پڻ آهي، جتي 6 ڪلاس کان وٺي مئٽرڪ تائين. هائير سيڪشن ۾ فرسٽ ايئر ۽ انٽرميڊيئيٽ جا شاگرد تعليم حاصل ڪن ٿا.

هن وقت ڪاليج جو پرنسپال عباس رضا عباسي آهي. جڏهن تہ مسز فاطمہ اختر سينئر سيڪشن جي پرنسپال آهي، جڏهن تہ هائير سيڪشن جو وائيس پرنسپال اطهر آصف آهي.

گرلز سيڪشن جي وائيس پرنسپال فوزيا صديقي آهي. جڏهن تہ جونيئر سيڪشن جي هيڊ مسٽريس مس روبينا پانڊياٽي آهي.

جڏهن تہ شاگردن جي رهڻ جي لاءِ غزالي هائوس، ثناء هائوس، رومي هائوس، ٽيپو هائوس ۽ عائشہ هائوس نالن سان هاسٽلون آهن.

پبلڪ اسڪول ۾ سوئمنگ پول، نياٽين جي لاءِ ڪينٽين، ڊسپينسري، نماز ادا ڪرڻ جي لاءِ هڪ مسجد پڻ آهي. اسڪول ۾ سائنس ليبارٽري ۽ لائبريري پڻ موجود آهي. تازو بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايڊيوڪيشن حيدرآباد 2008ع جي امتحان ۾ بهتر ڪارڪردگيءَ تي ايوارڊ ڏنو ويو.

جاپان جي ٽي وي چينل طرفان ٻارن جي تصويرن جي نمائش تي پبلڪ اسڪول جي ٻارن کي ڪيترائي سونا ۽ چاندي جا ٻلا انعام ۾ ڏنا ويا آهن.

پبلڪ اسڪول جا ٻار مختلف راندين ۾ حصو پڻ وٺندا رهندا آهن. ان کان علاوه اسڪول ۾ راندين جو ميدان آهي جتي شاگرد ڪرڪيٽ راند ڪندا آهن. ان کان سواءِ اسڪول ۾ چريا گهر پڻ قائم ڪيو ويو آهي.

اسڪول ۾ پي ٽي کان علاوه ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي بينڊ پڻ آهي.

## سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد

گورنمينٽ سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد 10 نومبر 1948ع تي اين ايڇ اڪيڊمي هاءِ اسڪول موجوده گورنمينٽ اسڪول سوسائٽي نمبر 1 حيدرآباد جي ان حصي ۾ قائم ڪيو ويو جتي صبح جي شفٽ ۾ محمدي انگلش ٽيچنگ اسڪول ڇوڪرين جو اسڪول هلندو هو. سنڌ لا ڪاليج سنڌ ايڊيوڪيشن سوسائٽي طرفان قائم ڪيو ويو.

هن ڪاليج ۾ اندرون سنڌ سان تعلق رکندڙ شاگرد قانون جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.

سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد شهر جي وچ ۾ واقع آهي. ڪاليج ۾ بي اي پاس شاگردن داخلا حاصل ڪري ٽي سال وڪالت جي تعليم حاصل ڪن ٿا.

ڪاليج جا شاگرد
جسٽس آغا عبدالرسول 1956ع کان 1957ع
جسٽس محمد اسلم آرائين 1957ع کان 1958ع
جسٽس عبدالماجد خانزاده 1958ع کان 1959ع
جسٽس ناظم حسين صديقي، چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ، چيف جسٽس سپريم ڪورٽ آف پاڪستان 1960ع کان 1961ع
جسٽس حامد علي مرزا، سپريم ڪورٽ آف پاڪستان 1960ع کان 1961ع چيف اليڪشن ڪمشنر
جسٽس امان الله عباسي، سنڌ هاءِ ڪورٽ 1960ع کان 1961ع
جسٽس ديدار حسين شاهه، چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ جج سپريم ڪورٽ آف پاڪستان 1964ع کان 1965ع
جسٽس مجيب الله صديقي 1964ع کان 1965ع
جسٽس غلام رباني پروفيسر رهي چڪا آهن. سنڌ هاءِ ڪورٽ جا قائمقام چيف جسٽس ۽ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جا جج آهن 1966ع کان 1967ع
جسٽس محمد اشرف لغاري (پروفيسر) 1966ع کان 1967ع
جسٽس شمس الدين هيسباڻي 1967ع کان 1968ع
جسٽس عزيزالله ايم ميمڻ 1969ع کان 1970ع
جسٽس ياسمين عباسي 1969ع کان 1970ع
جسٽس علي سائين ڏنو ميتلو 1971ع کان 1972ع
جسٽس افتخار محمد چوڌري، چيف جسٽس بلوچستان هاءِ ڪورٽ، چيف جسٽس سپريم ڪورٽ آف پاڪستان 1972ع کان 1973ع
مسٽر جسٽس موسيٰ ڪي لغاري (پروفيسر) 1975ع کان 1976ع ۽ جسٽس محمد افضل سومرو 1975ع کان 1976ع تائين، هن ڪاليج جا شاگرد رهي چڪا آهن.

سنڌ لا ڪاليج جي لائبريري جو افتتاح 10 نومبر 1976ع تي ان وقت جي ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد د محمد هاشم ميمڻ ڪيو. ان وقت يونين جو صدر زين العابدين تنيو هو.

چيف جسٽس آف پاڪستان سپريم ڪورٽ آف پاڪستان اسلام آباد 28 جنوري 2006ع تي سنڌ لا ڪاليج جي ڪمپيوٽر ليب جو افتتاح ڪيو.

## سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد جا پرنسپال

ڪي بي سڪندر بيگ ايس مرزا 20 نومبر 1948ع کان 19 جولائي 1953ع
عبدالجليل عبدالجبار 20 جولائي 1953ع کان 4 سيپٽمبر 1965ع
اي بي آخوند 3 آڪٽوبر 1965ع کان 10 آڪٽوبر 1966ع
قنبر علي بيگ مرزا 7 نومبر 1966ع کان 30 جون 1972ع
احمد محمد قاضي 1 جولائي 1972ع کان 18 سيپٽمبر 1980ع
سيد غلام رسول شاهه 19 سيپٽمبر 1980ع کان 9 نومبر 1985ع
پريوداس ايم امر 10 نومبر 1985ع کان 6 اپريل 1995ع
ايم جميل اي جليل زبيدي 6 اپريل 1995ع کان 17 آڪٽوبر 1999ع
خواجا غلام حيدر 18 آڪٽوبر 1999ع کان 3 جولائي 2000ع
موجوده پرنسپال پروفيسر احمد علي شيخ 3 جولائي 2000ع کان

# سردار بهادر شيخ محمد بخش

سردار بهادر شيخ محمد بخش 1891ع ۾ ميان الاهي بخش شيخ جي گهر ۾ شڪارپور ۾ جنم ورتو. سندس وڏا اصل ياگناڙي بلوچستان جا رهواسي هئا. سندس ڏاڏو شيخ قادر بخش سنڌ ۾ جج مقرر ٿي آيو هو. ميان الاهي بخش ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تان رٽائرڊ ڪيو. کيس 5 پٽ شيخ محمد بخش، شيخ عبدالڪريم، شيخ رحيم بخش، شيخ عبدالرحمان ۽ شيخ عبدالغفور هئا.

شيخ محمد بخش 1908ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪرڻ بعد ايلفسٽن ڪاليج بمبئي مان بي اي جي ڊگري حاصل ڪئي. 1913ع ۾ سچل سرمست جي درگاهه جي سجاده نشين قبول محمد فاروقي جو طالب ٿيو ۽ سلسلي طريقت کان آگاهي حاصل ڪئي.

1916ع ۾ بمبئي مان ايل ايل بي جو امتحان پاس ڪرڻ بعد 1917ع ۾ نوابشاهه ۾ مئجسٽريٽ مقرر ٿيو. 1918ع ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر هالا ۾ مقرر ٿيو. جتي مخدوم غلام حيدر پٽ شاهه جي پير صاحبن کان علاوه مٽياري جي چاموڙن سان دوستاڻا تعلقات قائم ٿيا.

1929ع ۾ ميرپورخاص، 1933ع ۾ ڪراچي جي ڪليڪٽر جو پرسنل اسسٽنٽ مقرر ٿيڻ بعد 1938ع ۾ ترقي ڪري ڪليڪٽر مقرر ٿيو.

سندس نالي تي تلڪ چاڙهي حيدرآباد تي سردار بهادر شيخ محمد بخش نالي گرلز ڪاليج قائم ڪيو ويو آهي جڏهن ته حمايت الاسلام بوائز ۽ گرلز اسڪول پڻ تلڪ چاڙهي حيدرآباد تي قائم ڪيا ويا آهن.

## سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن

پبلڪ سروس ڪميشن جو بنياد 1 اپريل 1937ع تي پيو. ان جو پهريون چيئرمين سر يوج جي ڪلنٽن 31 مارچ 1942ع تائين رهيو. جنهن بعد 1 اپريل 1942ع تي سر جي اي مدن مقرر ٿيو جيڪو

31 مارچ 1947ع تائين رهيو. جنهن بعد 1 اپريل 1947ع تي مسٽر واءِ اي گاڊيول جنهن کان پوءِ پهرين آگسٽ 1947ع تائين ڪم ڪيو.

جنهن کان پوءِ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ 1 آگسٽ 1947ع تي ڪي بي محمد دائم صديقي بحيثيت چيئرمين 11 نومبر 1948ع تائين ڪم ڪيو. ايڇ بي هنگورني 11 نومبر 1948ع کان 3 آڪٽوبر 1955ع تائين چيئرمين طور ڪم ڪيو. جنهن بعد ويسٽ پاڪستان ٺهڻ بعد ويسٽ پاڪستان پبلڪ سروس ڪميشن لاهور منتقل ٿي. جتي 4 آڪٽوبر 1955ع کان 3 آڪٽوبر 1956ع تائين ايڇ بي هنگورنو ڪم ڪيو. جنهن بعد سنڌ بلوچستان پبلڪ سروس ڪميشن قائم ڪئي ويئي. جنهن جو چيئرمين جسٽس فيروز نانا 24 ڊسمبر 1970ع کان 20 اپريل 1972ع تائين چيئرمين مقرر ڪيا ويا. جنهن بعد جي ڊي ميمڻ کي چيئرمين 2 مئي 1972ع کان 5 جنوري 1973ع تائين مقرر ڪيو ويو.

ان وقت ۾ پبلڪ سروس ڪميشن جي آفيس سول لائين ۾ الهه بخش مگسي (مرحوم) جي پراڻي بنگلي ۾ قائم ٿيل هئي. جتي ان وقت ميمبر مير محمد علي پڻ هوندو هو. مسٽر علي حسن ڪلهوڙو سينئر اسٽينو گرافر هوندو هو جيڪو بعد ۾ پبلڪ سروس ڪميشن جو ڊپٽي سيڪريٽري طور رٽائرمينٽ ورتي. جڏهن ته محمد عثمان پنهور پڻ اتي اسٽينوگرافر هوندو هو جيڪو بعد ۾ ڊي سي او عمرڪوٽ ۽ ٺٽو جي عهدي تي فائز رهيو.

جي ڊي ميمڻ 14 آگسٽ 1974ع کان 22 مارچ 1974ع تائين چيئرمين رهيو.

پبلڪ سروس ڪميشن جي نئين عمارت جيڪا ٿڌي سڙڪ حيدرآباد تي قائم ڪئي ويئي آهي. ان جي پيڙهه جو پٿر 20 مارچ 1974ع تي جي ڊي ميمڻ، ان وقت جي چيئرمين رکيو هو.

21 مئي 1974ع تي جي ايم شيخ چيئرمين مقرر ٿيو. جيڪو 5 جنوري 1977ع تائين چيئرمين طور ڪم ڪندو رهيو.

6 آڪٽوبر 1977ع کان 26 جولائي 1978ع تائين جسٽس

قادر نواز اعواڻ چيئرمين مقرر ڪيو ويو.

7 آگسٽ 1978ع تي امداد علي آغا چيئرمين مقرر ڪيو ويو جيڪو 6 آگسٽ 1984ع تائين رهيو. سندس ايام ڪاري ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي نئين مرڪزي آفيس جو افتتاح 2 فيبروري 1981ع تي ڪيو ويو.

3 ڊسمبر 1989ع تي جسٽس رٽائرڊ مشتاق علي قاضي 31 ڊسمبر 1992ع تائين بحيثيت چيئرمين ڪم ڪيو. جنهن بعد محمد راول ورياماڻي 31 جولائي 1994ع تائين ڪم ڪيو. جنهن بعد 1 آگسٽ 1994ع کان انجنيئر منظور حسين قريشي (مرحوم) 15 مارچ 1996ع تائين چيئرمين رهيو.

13 جون 1996ع کان قاضي عبدالقادر 29 جنوري 1997ع تائين چيئرمين رهيو. جنهن بعد جسٽس رٽائرڊ عبدالقادر شيخ جيڪو بعد ۾ گورنر سنڌ بہ مقرر ٿيو. چيئرمين طور 1 فيبروري 1997ع کان 28 جنوري 1998ع تائين رهيو.

28 جنوري 1998ع کان 27 جنوري 2003ع تائين ايم ايم عثماني چيئرمين طور مقرر رهيو.

28 مارچ 2003ع کان محمد حسن پٽو چيئرمين مقرر ٿيو جيڪو 27 مارچ 2008ع تائين چيئرمين رهيو. جنهن جي دور ۾ پبلڪ سروس ڪميشن جا اضافي بلاڪس نهرائي نوان امتحان هال نهرايا ويا. جنهن بعد 28 مارچ 2008ع کان محمد جاويد اشرف حسين سابق چيف سيڪريٽري سنڌ کي مقرر ڪيو ويو جنهن 26 مئي 2008ع تائين ڪم ڪيو. جنهن بعد مسٽر اين اي عباسي کي 27 مئي 2008ع کان چيئرمين مقرر ڪيو ويو آهي. ان بلڊنگ جون بہ عمارتون آهن، جنهن ۾ سيڪريٽري سروس پبلڪ ڪميشن چيئرمين ۽ ميمبرن عنايت بلوچ ۽ ٻين ميمبرن جون آفيسون قائم آهن، جڏهن تہ ڪنٽرولر سعيد شفيع محمد شاهہ جي آفيس پڻ موجود آهي.

پبلڪ سروس ڪميشن جي برانچ آفيس ڪراچي کان علاوه سکر ۾ پڻ آهي. تازو لاڙڪاڻي ۾ برانچ آفيس قائم ڪئي وئي آهي.

## سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو 1992ع ۾ قائم ڪيو ويو. نئين عمارت نيشنل هاءِ وي لڳ سنڌ ميوزيم وٽ تعمير ڪئي ويئي آهي، جنهن جو افتتاح فيبروري 1996ع تي سنڌ جي وڏي وزير، سيد عبدالله شاهه (مرحوم) ڪيو. ان اٿارٽي جو پهريون چيئرمين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش قاضي، ڊاڪٽر نواز علي شوق، ممتاز مرزا، امر جليل، عبدالحميد سنڌي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو عبدالقادر جوڻيجو ۽ هن وقت ڊاڪٽر فهميده حسين چيئرپرسن طور مقرر آهي.

اٿارٽي جا پبليڪيشن سيڪشن، انفارميشن ريسورس سينٽر، انسائيڪلوپيڊيا سيل، ٻارن جي ادب جو شعبو، آڊيو ويوئل سيڪشن، سنڌي انفارمئٽڪس، لائبريري، هال کان علاوه قليچ ڪتاب گهر ۽ ثقافتي ڊسپلي سينٽر پڻ قائم ڪيل آهي.

## اردو ٻوليءَ جي واڌاري وارو ادارو

انجمن ترقيءَ اردو جو 1942ع ۾ حيدرآباد ۾ بنياد رکيو ويو. مولوي عبدالحق باباءِ اردو دهلي کان هتي اچي، ان انجمن جي آفيس جو افتتاح ڪيو هو.

ڊاڪٽر اسماعيل شيخ ان انجمن جو بنياد رکيو. سيد علي اڪبر شاهه جامعه عربيه وارو مولانا حامد علي ندوي ساڻس مددگار هئا. سنڌي اردو مشاعرا حيدرآباد ڪوٺايا ويندا هئا. پاڪستان ٺهڻ بعد اڪبر چيمبرس صدر ۾ تعمير ٿي. هن وقت هيرآباد ۾ انجمن جي آفيس شاهه عبداللطيف ڀٽائي گرلز اسڪول پرسان منتقل ٿي وئي آهي.

## صحت کاتو

## مينٽل اسپتال

سر ڪائوسجي سائيڪاٽرسٽ اسپتال حسين آباد گدو 1894ع ۾ قائم ڪري 1941ع ۾ ان عمارت جي ٻيهر اڏاوت ٿي. ليڊي

ڊفرن اسپتال 22 جنوري 1937ع ۾ قائم ڪري 1946ع ۾ ليڊي مڊ وائفري نرسنگ اسڪول اسٽيشن روڊ حيدرآباد تي قائم ڪيو ويو. ڀائي ناملرام سوپراج واسواڻي ميونسپل چيريٽيبل ڊسپينسري 1940ع ۾ رسالا (هوش محمد شهيد) روڊ تي قائم ڪئي وئي.

جانورن جي اسپتال 1898ع ۾ هيرآباد حيدرآباد ۾ قائم ڪئي وئي. سي ايم ايڇ فوجي اسپتال 1948ع ڪينٽ ڇانوڻيءَ جي علائقي ۾ قائم ڪئي وئي. سينٽ الزبيٿ اسپتال امريڪن اسپتال لطيف آباد نمبر 7، ڪيٿولڪ چرچ مشن هيٺ 1956ع ۾ لطيف آباد ٺهڻ بعد آباد ڪئي وئي.

## ڊائريڪٽوريٽ جنرل هيلٿ سروسز سنڌ حيدرآباد

ڊائريڪٽوريٽ جنرل هيلٿ سروسز سنڌ حيدرآباد جي آفيس شهباز بلڊنگ ۾ واقع هئي. نئين بلڊنگ ٺهڻ بعد 90_1989ع ۾ وحدت ڪالوني ۾ منتقل ٿي آهي. ڊاڪٽر سجڻ ميمڻ ۽ ڊاڪٽر هادي بخش جتوئي ڊائريڪٽر جنرل رهي چڪا آهن.

ان آفيس جون ذيلي آفيسون آهن. ڊائريڪٽر پبلڪ هيلٿ، ڊائريڪٽوريٽ مليريا پروگرام، ڊائريڪٽوريٽ ٽي بي ڪنٽرول حيدرآباد، Save the Children USA Program، ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر هيلٿ حيدرآباد، سروس اسپتال حيدرآباد. ون يونٽ ٺهڻ بعد ون يونٽ بلڊنگ ۾ هڪ ڊسپينسري قائم ڪئي وئي، بعد ۾ 62_1961ع ڌاري موجوده ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر هيلٿ آفيس جي پرسان نئين ڊسپينسري قائم ڪئي وئي. جيڪا اڳتي هلي بيسڪ هيلٿ سينٽر موجوده ملٽي پرپز اسڪول وحدت ڪالوني، جيڪو سوشل ويلفيئر کاتي طرفان هلايو پيو وڃي، ۾ قائم ڪيو ويو. جنهن کي 1970ع ڌاري اپ گريڊ ڪري موجوده سروسز اسپتال جي بلڊنگ ۾ منتقل ڪيو ويو آهي.

1976ع ڌاري ليڊيز روم روٽري ڪلب حيدرآباد طرفان نهرائي ڏنو ويو. سروس اسپتال جا سول سرجن 1970ع کان اڳ سول اسپتال

حيدرآباد ۾ ويهندا هئا.

سروسز اسپتال کان سواءِ سر سي جي مينٽل اسپتال حيدرآباد 496 بسترن تي ٻڌل اسپتال قائم آهي. جڏهن ته لطيف آباد نمبر 4 ۾ پبلڪ هيلٿ اسڪول قائم آهي. پٽائي اسپتال لطيف آباد نمبر 4 ۾ 158 بسترن تي ٻڌل اسپتال قائم آهي. لياقت ميڊيڪل ڪاليج اسپتال 1250 بسترن تي ٻڌل آهي.

ڪائونٽ ليڊي ڊفرنس اسپتال ۾ 50 بسترن تي ٻڌل اسٽيشن روڊ تي قائم آهي. جڏهن ته پريٽ آباد جي اسپتال جي لاءِ 85 بسترا ۽ پريٽ آباد ڦليلي ۾ 50 ۽ قاسم آباد ۾ قائم ڪيل نئين اسپتال ۾ 50 ايم آئي قاضي ڄامشورو بيسڪ هيلٿ سينٽر ۾ ٻن بسترن جي سهولت حاصل آهي.

پهرين اپريل 1970ع کان سروس اسپتال جي نئين تعمير ٿيل عمارت ۾ سول سرجن ويهڻ لڳا.

## سروسز اسپتال حيدرآباد جا سول سرجن

ڊاڪٽر ڪئپٽن ايس ايس زوها. 1 اپريل 1970ع کان 16 مئي 1974ع
ڊاڪٽر خير محمد شيخ. 17 مئي 1974ع کان 2 آڪٽوبر 1974ع تائين
ڊاڪٽر مجتبيٰ اي جوڻيجو 3 آڪٽوبر 1974ع کان 22 جنوري 1980ع تائين
ڊاڪٽر نبي بخش قاضي 23 جنوري 1980ع کان 24 جون 1980ع تائين
ڊاڪٽر شائق علي جعفري 25 جون 1980ع کان 18 سيپٽمبر 1980ع تائين
ڊاڪٽر عطا محمد ميمڻ 19 سيپٽمبر 1980ع کان 25 مئي 1984ع تائين
ڊاڪٽر عبدالصمد ميمڻ 24 مئي 1980ع کان 19 سيپٽمبر 1987ع تائين
ڊاڪٽر ڪئپٽن عارف خان 19 سيپٽمبر 1987ع تائين 11 جون 1988ع تائين
ڊاڪٽر عبدالصمد 12 جون 1988ع کان 16 آگسٽ 1989ع تائين
ڊاڪٽر قادر بخش ميمڻ 16 آگسٽ 1989ع کان 30 مارچ 1994ع تائين
ڊاڪٽر غلام حيدر 30 مارچ 1994ع کان 26 آڪٽوبر 1994ع تائين
ڊاڪٽر لعل محمد شيخ 26 آڪٽوبر 1994ع کان 15 نومبر 1994ع تائين
ڊاڪٽر جهامنداس 15 نومبر 1994ع کان 31 ڊسمبر 1996ع تائين

ڊاڪٽر نور محمد عباسي 1 جنوري 1997ع کان 3 مارچ 1997ع تائين
ڊاڪٽر حسين شاهه بخاري 3 مارچ 1997ع کان 10 آڪٽوبر 1997ع تائين
ڊاڪٽر غلام سرور چنا 10 آڪٽوبر 1997ع کان 2 سيپٽمبر 1999ع تائين
ڪئپٽن ڊاڪٽر اشفاق ايڇ قريشي 2 فيبروي 1999ع کان 6 مارچ 2000ع تائين
ڊاڪٽر قادر بخش 6 مارچ 2000ع کان 22 نومبر 2000ع تائين
ڊاڪٽر سعيد احمد ميمڻ 22 نومبر 2000ع کان 28 جولائي 2001ع تائين
ڊاڪٽر عبدالرحيم ميمڻ 28 جولائي 2001ع کان 2 نومبر 2004ع تائين
ڊاڪٽر مظفر حسين عباسي 22 فيبروري 2004ع کان 14 مئي 2005ع تائين
ڊاڪٽر سعيد احمد قاسمي 14 مئي 2005ع کان 30 جون 2005ع تائين
ڊاڪٽر سعيد احمد ميمڻ 1 جولائي 2005ع کان 30 سيپٽمبر 2008ع تائين
ڊاڪٽر محمد يعقوب ميمڻ 30 سيپٽمبر 2008ع کان هن وقت تائين.

## حيدرآباد جون مسجدون

مسجد ملا رحمت الله غلام شاهه ڪلهوڙي جي قلعي پرسان نئين سري سان ٺاهي وئي آهي. پراڻي مسجد جا آثار موجود نه آهن. مسجد حيات دينو شاهه جي پڙ ۾ واقع آهي ۽ مسجد خضرا فوجداري روڊ تي اڪال يونگا لائين نسيم سينٽر پيٽرول پمپ پرسان واقع آهي. مسجد عباسي دادن شاهه پاڙي ۾ درگاهه سرفراز شاهه چاڙهي جي سامهون موجود آهي. آفندي مسجد آفندي باغ جي علائقي ۾ قديم مسجد واقع آهي.

مسجد پنهور ٽنڊو ولي محمد 150 سالن کان وڌيڪ پراڻي مارڪيٽ ٽاٽي ويندڙ گهٽيءَ جي چوڪ تي واقع آهي. تيورن جي مسجد، عبدالڪريم تيورا گهٽيءَ ۾ غلام شاهه ڪلهوڙي نهرائي هئي. واڍن جي پڙ جي جامع مسجد واڍن جي پڙ ۾ گذريل 150 سالن کان آباد آهي ۽ به تي پيرا نئين سري سان نهرائي وئي آهي. حاجي عرس مسجد، ڪورين جي پڙ ۾ واقع آهي، ۽ اها به 150 سال پراڻي آهي ۽ به پيرا نئين ڪري نهرائي وئي آهي ۽ هينئر تازو ٽيون پيرو نئين سري سان تمام سهڻي ڪري نهرائي وئي آهي.

شهر قاضي مسجد نائن جي پڙ ۾ واقع آهي، جيڪا پڻ تمام قديم آهي ۽ شهر قاضي جي نالي سان مشهور آهي ۽ اڄ ڏينهن تائين زبون حالت ۾ موجود آهي ۽ باقاعدگي سان ان ۾ نماز ادا ڪئي ويندي آهي.

مسجد طالب شاهہ غلام شاهہ ڪلهوڙي قلعي جي دروازي تي واقع هئي، هن وقت آثار ختم آهن. مائي شهربانو مسجد نعلبند، نعلبندن جي پاڙي ۾ جمن شاهہ جي پڙ ۾ نور محمد ڪلهوڙي جي نياڻيءَ مائي شهربانو اڏرائي هئي.

سرهندي مسجد فقير جي پڙ ۾ واقع آهي ۽ ناريجن جي مسجد قلعي جي دروازي جي اولهہ ۾ هوم اسٽيڊ هال جمعدار ڪوڙو پاڙي ۾ واقع آهي. مرزا علي حسن بيگ مسجد ٽنڊو نوڙهو ۾ واقع آهي. واڌن جي پڙ جي مسجد ڪي قائم ٿئي 200 سال ٿيا آهن جيڪا رائل ڪاليج پرسان قائم آهي. قديم مسجد شاهجهان ملڪ افغان بادشاهہ جي نالي ٽنڊو آغا ۾ واقع آهي. ميرن جي قبن پرسان مسجد خير جيڪا ڪيپري سئنيما پرسان واقع آهي، جتي عورتون نماز پڙهنديون هيون، اڄ بہ قائم آهي، جتي مرد نمازي نماز ادا ڪن ٿا.

مسجد ڪمانگر ميمڻ اسپتال شهاب سئنيما لڳ پراڻي مسجد قائم آهي. خير شاهہ جي پڙ ۾ لوهرن جي مسجد پڻ قديم وقت کان قائم آهي، خدا آباد مان آيل ماڻهن تعمير ڪرائي هئي. سلاوٽ پاڙي جي جامع مسجد پوڻا بہ سئو سال قديم آهي. بغدادي مسجد بربلاٽي گهٽي سڪ لين ۾ 1855ع ۾ قائم ڪيل مسجد هندن جي غلبي بعد ويران هئي، پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ انهيءَ کي ٻيهر آباد ڪيو ويو آهي. جامع مسجد صدر چانوٽي ڪينٽ ٽاٽي پرسان واقع آهي، جنهن ۾ شاهہ ولي الله اڪيڊمي جي آفيس قائم آهي.

مسجد ابراهيم شاهہ جيڪو قاضي شهر هو نائين جي پڙ ۾ مسجد واقع آهي. عيد ميلادالنبيءَ جي موقعي تي گهوڙي تي چڙهي قاضي شهر جلوس جي قيادت ڪندو هو.

مسجد آزاد ميدان جتي برک عالم مولانا ابوالڪلام آزاد

جلسو ڪيو هو، قائم آهي، جتي هڪ مدرسو پڻ آهي ۽ مولانا ابوالخير جي نگراني ۾ آهي. فقير جي پڙ بير بلائي گهٽيءَ وچ ۾ شاهي مسجد شاهي بازار ۾ واقع آهي. مسجد قبا جيل روڊ ميرن جي قبن پرسان واقع آهي.

ميرن جي مسجد ٽنڊو گدو حسين آباد ۾ واقع آهي. اتي حاجي شفيع جو مزار واقع آهي. محمد مسجد صدر 1842ع ۾ چانوٽي جي علائقي جوهري بازار ۾ قائم ڪئي ويئي. مسجد ابوالفضل مولا علي قدم گاهہ تي اسٽيشن روڊ تي قائم آهي.

لاڪا مسجد ڪوڪر محلي اسٽيشن روڊ پرسان فاطمہ اسڪول لڳ تلارام بلڊنگ وٽ قائم آهي. بلوچ مسجد نوحاڻي پاڙي فريد محلو جي قديم مسجد آهي. اسٽيشن روڊ تي واقع آهي.

مسجد مير غلام حسين ٽنڊو غلام حسين ۾ واقع آهي. مسجد سڪندرآباد اثناعشري مسجد ٽنڊو نوڙهو ۾ واقع آهي. مدينہ مسجد هالا ناڪي تي واقع آهي.

## حيدرآباد جا مندر

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ 1945ع ۾ حيدرآباد شهر ۾ 360 مندر هئا. هندن جي لڏپلاڻ کان پوءِ اهي هاڻي گهٽ ٿي ويا آهن. انهن ۾ هيٺيان مندر شامل آهن.

جي پواني مندر گردوارا گرونانڪ ڪاهي روڊ، ٽنڊو ولي محمد ۾ قائم آهي.

قلعي چوڪ کان اڳيان ٻن قبرن آڏو اُتمچند مندر ٽرسٽ بورڊ طرفان هال ناهيو ويو آهي.

هيرآباد ۾ 1895ع ۾ ميگهواڙن جو گوشواڻي پرشوتم مندر واقع آهي.

شو مندر پريٽ آباد ۾ مرزا قليچ بيگ هاءِ اسڪول ٿليلي پرسان واقع آهي.

ڪاليءَ جو مندر شهاب سئنيما وٽ واقع آهي.

سريگهاٽ تي راما پيير جو مندر واقع آهي، جتي سوچي عبادت ڪندا آهن.

مير گارڊن شو جو مندر ريلوي اسٽيشن آڏو واقع آهي، جتي ان پرسان هڪ وڏي ميدان تي خدمت خلق اسپتال ۽ ايمبولينس سروس قائم ڪئي ويئي آهي.

گربت جو ٽڪاڻو ۽ مندر سريگهات تلڪ چاڙهي تي واقع آهي، جتي هڪ آشرم پڻ آهي. حيدرآباد اينڊڙ هندو زائرين اتي ترسندا آهن.

گنگا مائي جو مندر، پريٽ آباد قليلي دال پاڙي ويجهو مندر ڪجلال پاڙي ۾ واقع آهي. تلسي داس مندر قاضي عبدالقيوم روڊ تي واقع آهي اهو هڪ قديم مندر آهي.

ڏيالداس مندر پڪي قلعي پرسان هوميوپيٿڪ ڪاليج گوشت مارڪيٽ وٽ واقع آهي.

شو مندر موهن داس مينگهراج سلطان هوٽل اسٽيشن روڊ هوم اسٽيڊ هال جي چاڙهي وٽ واقع آهي.

ڪاليءَ جو مندر گنجو ٽڪر فتح ٽيڪسٽائيل مل جي ٽڪريءَ پرسان پيٽرول پمپ مٿان قائم آهي، جيڪو قديم مندر آهي. جتي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جوڳين سان گڏ ربّ ڪي ٻاڏايو ۽ بيت چيا.

حسين آباد ميونسپل پارڪ ۾ شو جو وڏو مندر آهي، جتي حيدرآباد جي سموري هندو برادري پوڄا پاٺ لاءِ ايندي آهي، جتي هن وقت هندو باگڙي برادري جو قبضو آهي ۽ ڪجهه هندو پنهنجن گهرن اندر پوڄا پاٺ ڪندا آهن. جيئن مکي داس پنهنجي گهر جي اندر هڪڙو مندر قائم ڪيو هو. جنهن ۾ سونيون مورتيون رکيل هيون، پاڪستان ٺهڻ بعد اهي مورتيون غائب ڪيون ويون ۽ سيٽلمينٽ کاتي جي آفيس قائم ڪئي ويئي. جيڪا هاڻي ختم ٿي ويئي آهي. مکي هائوس ڏيڍ ڪروڙ روپين جي لاڳت سان ناهيو ويو هو.

صدر چانوٽيءَ جي علائقي ۾ حُر پاڙي ۾ شيڊيول ڪاسٽ هندو ڀنگين پنهنجا جدا جدا مندر ناهيا آهن.

# ٽيلرنگ جي دنيا ۾ انقلاب

# رحمان ٽيلرز

# Rehman Tailors

Specialist for Gents

## رحمان ٽيلرز

اسپيشلسٽ ڪوٽ. ويسٽ ڪوٽ. سفاري سوٽ

۽ شلوار قميص

**مالڪ:**

**ماسٽر غلام رسول**

نزد پيٽرول پمپ لڳ رينبو سينٽر

اسٽيشن روڊ، حيدرآباد

موبائيل نمبر: 0300-3008486

رابطي لاءِ: 0346-3910327

0300-3079659

پنهنجي ٻارن کي ماءُ جي هنج وارو ماحول
مهيا ڪرڻ جي لاءِ

# MOTHER'S LAP
# (BABY PROTECTION)
## DAY CARE CENTRE

**مدر ليب بيبي پروٽيڪشن لاءِ داخل ڪرايو**

Mother's Lap (Baby Protection) Day Care Centre

نزد گورنمينٽ گرلس پائليٽ سيڪنڊري اسڪول
(ميران اسڪول) هيرآباد، حيدرآباد، سنڌ

**رابطي لاءِ:**

**مسز خان**

فون نمبر **2613051**

اللہ شافي　　　　اللہ ڪافي

وادي ءِ سنڌ جو مشهور

# نفيس دواخانو سجاول

جناب حڪيم نور محمد، عبدالڪريم ڪتري سابق اسسٽنٽ ڊائريڪٽر منسٽري پاپوليشن ويلفيئر اسلام آباد هاڻي هر ڇنڇر، آچر ۽ سومر جي ڏينهن نفيس دواخانو سجاول (نزد نيشنل بئنڪ سجاول) ۾ مريضن کي ڏسندا. پيٽ جي تڪليفن، گردي ۽ مثاني جي پٿري، السر، سائي، پراڻي قبضي، خوني بادي، بواسير، دم، ڇاتيءَ جي تڪليفن، دماغي تڪليفن، چڪر اچڻ، دل جو ڌڙڪو (اختلاج قلب) هاءِ لو بلڊ پيشر، فالج (اڌ رنگو لقوه) چيلهه جي ريڙهه جي هڏيءَ جي جوڙن جي تڪليفن، پٿري، خارش، چمڙي جي بيمارين، ٻارن، زناني بيمارين، اولاد نه ٿيڻ، مردانه ڪمزورين ۽ ٻين بيمارين جا مريض رجوع ڪن.

# قلباڻي گرامر اسڪول تلهار

جديد سهوليتن، بهترين فرنيچر، اعليٰ تعليمي ماحول. جنهن ۾ سکيا ورتل استاد ڪي جي کان پرائمري تائين اوهان جي ٻارن کي سائنسي بنيادن تي علمي خدمتون سرانجام ڏيئي رهيا آهن.

ٻارن جي روشن مستقبل، اخلاقيات جي تعليم کان سواءِ ٻارن جي ذهني نشونما لاءِ غير نصابي ماحول ۾ سيکاريو پيو وڃي. پنهنجي ٻارن جي زندگي سنوارڻ جي لاءِ اڄ ئي قلباڻي گرامر اسڪول تلهار ۾ پنهنجي ٻارن کي داخل ڪرايو، جتي مستحق شاگردن کي مفت ڪتاب ۽ ڊريس پڻ ڏني وڃي ٿي.

زير اهتمام

ڊاڪٽر ظفر حسين سوسائٽي

تلهار، ضلعو بدين، سنڌ

# سچ پبليڪيشن طرفان ڇپايل ڪتاب

وساريان نہ وسرن، پٽو خاندان (پاگو پهريون ۽ ٻيون)، عظمتن جا مينار، سنڌ جا تعليمي ماهر (پاگو پهريون، ٻيون، ٽيون، چوٿون ۽ پنجون) ۽ شخصيات هيٺين بُڪ اسٽالن تي موجود آهن:

1) سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ
2) قليچ ڪتاب گهر ۽ ثقافتي مرڪز، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، نيشنل هاءِوي، حيدرآباد، سنڌ
3) سنڌي ساهت گهر، رابعہ اسڪوائر، حيدر چوڪ، حيدرآباد، سنڌ
4) سجاڳي ڪتاب گهر، ايگريڪلچر ڪامپليڪس، حيدرآباد، سنڌ
5) اڪبر نيوز ايجنسي، اخبار مارڪيٽ، ريلوي اسٽيشن، حيدرآباد، سنڌ
6) نيو فيلڊس ڪتاب گهر، نسيم نگر، قاسم آباد، حيدرآباد، سنڌ
7) پاڪستان بڪ ڊيپو، ريلوي اسٽيشن لاڙڪاڻو، سنڌ
8) غفور نيوز ايجنسي، غريب آباد بدين، سنڌ
9) ٻٽائي ڪتاب گهر، مين بس اسٽاپ سجاول، سنڌ
10) ڪئپيٽل بُڪ اسٽال، بوهري بازار، صدر ڪراچي، سنڌ
11) ڪانياواڙ بُڪ ڊيپو، اُردو بازار ڪراچي، سنڌ
12) ڪلچرل ڪتاب گهر، سر غلام حسين هدايت الله روڊ، نزد ايم پي اي هاسٽل، ڪراچي، سنڌ
13) المهراڻ ڪتاب گهر، ٽاٽو روڊ، سانگهڙ، سنڌ




# FARAZ
## ESTATE SERVICE

## فراز اسٽيٽ سروس اينڊ پراپرٽي ڊيلر

قاسم آباد حيدرآباد ۾ بنگلي، فليٽ، زمين، ۽ هر قسم جي جائيداد جي
وڪري ۽ خريد ڪرڻ مسواڙتي ڏيڻ وٺڻ جي لاءِ اعتبار جوڳو نالو
رابطو ڪندا.

**فراز اسٽيٽ سروس اينڊ پراپرٽي ڊيلر**

مين بس اسٽاپ ماروي ٽائون ڄامشورو روڊ
لڳ باءِ پاس پل قاسم آباد حيدرآباد

## پيرل پٿو

فون نمبر 022-2619273 موبائيل نمبر 0300-9374001

---



سلام پريس نزد عبرت پريس گاڏي کاتو حيدرآباد، سنڌ

Cell: 0300-3054207

Times Graphics Hyd. 022-2929267